سلسليوار

# المعراج

نمبر 1

فقير معراج علي سائينءَ جو روضو مبارڪ

پاران: هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن

سنڌ، بلوچستان



مخدوم فقير مهدي سائين جهانيان

مخدوم فقير معراج علي رضا سائين جهانيان
(سمر علي سائين جن جاوالد بزرگوار)

مخدوم فقير سمر علي سائين جهانيان

# فهرست

پنهنجي پاران: ..........................(2)

"المعراج" ............................(3)

سمر علي سرڪار .................(10)

"خودي ۽ خدا" .....................(16)

"تصوف خدا تائين رسائي جونالوآهي(18)

صوفيءَ جو رستو حق جو رستو آهي (20)

"دم سان سرت لڳاءِ"..... ...........(22)

هيڪڙائي جي هل ۾ دئيءَ جا دوڪان (26)

" سدا سمر ساڻ" ...................(31)

تنظيمي ۽ مرڪزي عهديدارن جوتعارف (33)

پاڪ فقير شهنشاهه مولا ............(38)

مظهر علي فقير.......................(40)

سلسليوار

# المعراج

2010ع

سرپرست اعلي: ؛
مخدوم سيد مقصود علي جهانيه

سرپرست:
فقير سمر علي مخدوم جهانيه

ايڊيٽر:
عبدالرحمان کهڙو

سب ايڊيٽر
خادم عباسي
۽ مخدوم حق علي جهانيه

قانوني صلاحڪار:
مير ارشد حسين ٽالپر
۽ شفيع محمد بانگو ايڊووڪيٽ

لک پڙهه لاءِ:
هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن
سنڌ بلوچستان،
تعلقه صوپوديرو ضلع خيرپور ميرس

ڪمپوزنگ: پرويز احمد ٽيبو
منصور علي سومرو 0346-3413993

ڇپائي
شيخ پرنٽنگ پريس
0346-3356046
مولا بخش سومرو
۽
پرويز پرنٽنگ پريس
0346-3413993
ڪاليج روڊ گمبٽ

هتان اوهان کي هر قسم جي ڇپائي جو ڪم تسلي بخش تيار ٿي ملندو.

# " پنهنجي پاران "

هـادي مـهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن "**همسوا**" جاڪارڪن تصوف جي دنيا سان تعلق رکندڙ فقراءَ ۽ بيا حق موجود يا علي مدد!

اڄ انتهائي خوشي اٿم جو "**المعراج**" **نمبر2010 .1** اوهـان جي اکڙين اڳيـان آهـي، جيڪو "همسوا" **طرفان مخدوم معراج علي رضا جهانيه** جن جي تيرهين ميڙي جي موقعي تي پهريون پيرو پڌرو ڪيو ويو آهي ۽ اوهان جي دعائن جـي سـاٿ سان هر سال شايع ڪيو ويندو.

هن پهرين شماري ۾ اڪثر مضمون لکندڙ فقراءَ بہ پنهنجي پهرين ڪـوشش ڪري قلم کنيو آهي. مالڪ سندن مدد ڪندو جو مستقبل ۾ بہ پنهنجي قلم جي مس سڪڻ ڪـانہ ڏيندا ۽ لکندا رهندا.

اوهان پڙهندڙن ۽ پـارکـن ڪـي بہ نمـاڻـي نيند تہ ايندڙ شماري لاءِ مضمون موڪليندا ۽ خط ذريعي يا روبرو تنقيد برائي اصلاح، راءِ رٿ يا تجويز کان ضرورآشنا ڪندا. اسين اوهان جي جائز تنقيد يا تجويز کي هئي شماري ۾ شامل ڪرڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ رهنداسين. چڱو! ايندڙ شماري تائين اجازت. سدا ساٿ سلامت.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،  
تن جوصرافن، ان توريو ئي اگهايو.

عبدالرحمـٰن کهڙو  
مرڪزي جنرل سيڪريٽري  
" همسوا "  
0344-3788822

تاريخ ٢٣ رجب المرجب ١٤٣١ هـ  
اڱارو، 6 جون 2010ع

# "المعراج"

مهتاب علي جهانيان

منهنجي زندگيءَ ۾ ٻن جملن جو عمل دخل ڏاڍو رهيو آهي، جڏهن ڪان پاڻ سنياليم ٻڌندو آيم ۽ هينئر 53 سالن ۾ هلان ٿو ته ائين ٿو لڳي ته جيڪڏهن انهن جملن جي پروڙ نه هجي ها ته زندگيءَ مان مزو ڇڏائجي وڃي هايا وري ڏکن سکن جي سونهن نه ٻڌجن هان. اها هستي جنهن منهنجي زندگيءَ کي ٻن جملن سان امر ڪيو. پهريون علي رضا بعد ۾ معراج علي (عليءَ جي رضا سان عليءَ سان معراج) جي نام هئي. سندن زبان مبارڪ مان الائي ڪيترا پيرا سنگت، فقراءَ ۽ پنهنجن انهن جملن جو هبڪاءُ حاصل ڪيو هوندو ۽ جڏهن فرمائيندا هئا" رضا تي راضي ۽ ٻٽيءَ تي شاڪر رهو." ته ان محل سندن صورت مبارڪ تي عظيم استقلال ۽ لفظ گلاب جي گل جي سرهاڻ ٻڌجي دل ۽ دماغ کي ترڪندا هئ

اهل تصوف فقيرن ۾ ڪي تصوف جا شاعر ته ڪي ماهر ٻڌيا انهن مهر پرين ڪچهرين جو مون مسڪين کي به ڪائڻ شرف حاصل آهي. پاڻ سرڪار مهدي جهانيان (فقير سائين) جا طالب هئا جيڪي سندن ولد بزرگوار سيد هادي بخش جهانيان جا سڳا ڀاءُ ٻن هئا. فقيراءُ ٻنهي بزرگن کي ' هادي مهدي بر حق' چوندا هئا. سندن اسم پاڪ به ضد هئا ته لقب ـ " بادشاهه ۽ فقير" ضد هئا. جتي به ضد ملي فنا ٿا ٿين اتان نفي اثبات ٿو ٿئي. مهدي فقير سائين جو ڪلام تصوف جي شاعريءَ مٿان وڏو ڇٽ آهي ۽ انهيءَ ڇٽ کي پنهنجي سر تي تاج ٻڌائي هلڻ وارو هڪڙوئي فقير معراج علي رضا جهانيان ٿيو. سرڪار فقير مهدي سائين جي سموري ڪلام جي هڪ هڪ سٽ تي جيتري مهارت ۽ ڄاڻ ڪين هئي مان نٿو سمجهان ته جهانيه خاندان ۾ اهڙو ڪو ٻيو نامور پيدا ٿيو هجي. اهو گوناگون ڪلام فقر ۾ هلي ڏاڍو ٿو پر جڏهن ان تي رهاڻ لاءِ دل تي چوي ته ڪو ورلي ٿو ملي. جيڪو ويهي وصل جون ڳالهيون ڪري ڦٽن تي ڦٽيون رکي! فقير سائين چيو آهي:

(1) وقت واجب ويا ڪل وسري
نينهن پڙهائي نماز.........

(2) عشق الاهيءَ ڪيو احسان:
ڪونه پڙهيوسين ڪلمو قرآن..........

(3) جيڪي آهي هت هت ڇا هوندو.
هتان ڪٽي اڳتي الاءِ ڇا هلندو.........

(4) الله طالب فقير جو آهي:
سر مان پيم سماءُ..............

(5) آهيان عبديت جو اولي:
ڪجهي ڳالهه لذم ڳجهه ڳولي.

(6) مرن جيئن وس منهنجي :
قضا کي ڪهڙي قدرت:

(7) پنهنجو پاڻ سڃاڻين:
حق ڄاڻين تون ته سارو سبحان آن........

هڪ محفل دوران سرڪار فقير سائن جي شعر "آهيان عبديت جي اولي. ڳجهي ڳالهه لذم ڳجهه ڳولي" تي معراج علي سائن تبصرو ڪيو ۽ اهڙي معنيٰ خيز ڳالهه

ٻڌائيون جيڪا سوچ مون وٽ اڳ ۾ ڪونه هئي. پاڻ فرمايو هئائون:

"هڪ عبديت معنيٰ عبد. بندو (صفاتي هن جهان ۾)
ٻي عبديت معنيٰ عبد. اصل (اصلي جهان ۾)
جڏهن آدم جو پيءُ ظهورو ٿيو. سوال ٿيو:
الست بربڪم (ڇا مان اوهان جو رب آهيان؟)
جواب آيو: (قالو بليٰ (چيائون هائو)
حڪم ٿيو: ڪن فيڪون (ٿيءُ پوءِ ٿي پيا)

اهڙي طرح ابديت (اصليت) ڇڏي روحن عبديت (بندگي) اختيار ڪئي. عبد (بندي) جي روپ ۾ عبديت جا ٻه ضد قائم ڪيا ويا "عابد معبود" عبادت ڪرڻ وارو ۽ ٻيو جنهنجي عبادت ڪئي وڃي. تصوف ۾ انهن کي "طالب ۽ مطلوب" چيو وڃي ٿو. عبديت جو اولو اهو آهي ته طالب پاڻ کي نفي ڪري مطلوب ٿيو ۽ مطلوب ٿيڻ کانپوءِ جڏهن اها معرفت نفي ڪيائين ته فنا في الله (الله ۾ فنا) ٿي پيو ۽ پوءِ بقا بي الله (رهي الله جي ذات) ۾ ظاهر ٿيو ۽ اها ڳجهي ڳالهه ليي پئي. "هي هو" اصل ۾ ڪجهه به ناهي اصل "تون ئي تون" آهي جيڪو پنهنجن روشن ڪرڻ (روحن) سان هن ڪائنات کي وجود ۾ رکيو پيو اچي." سچي ڪري پڇو ته ان وضاحت منهنجي ذهن کي چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ وهنجاري ڇڏيو سائين. هيءَ ته هڪ سٽ هئي فقير سائن جي شعر جي جيڪا زير غور ٿي اهڙيءَ طرح سچي فقير سائن جي ڪلام تي پاڻ عبور رکندا هئا. جيڪا ڪنهن ٻئي جي وس جي ڳالهه ناهي. اهو وس وٽي وٽي کون ٿيو نصيب ٿئي. جيستائين طالب "ڇڏي اونهو آهي. جيڪو نور علي مظهر (فقير سائين جو طالب) جو چيل آهي ۽ ڳهڻن جي سمجهه کان ڇڙهيل آهي. ان تي به معراج علي سائين هڪ دفعي روشني وڌي ته دم (هڻڻ) ۽ اسم (پنهنجو نالو) معنيٰ هڻڻ ۽ پاڻ کي وساري اڳتي قدم کڻ. مظهر فقير جنهن ان ڪلام کي به پاڻ فقير سرڪار جي هيٺين شعرن سان ملايو.

" جو دم غافل سو دم ڪافر" ۽ پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس پنهنجو آهيان پاڻ" بهرحال تصوف جو ڪهڙو به موضوع ڪائن پوشيده نه هئو. پاڻ سچ ڪري پڇو ته سرڪار فقير سائن جي ڪلام " محڪم رهه انهيءَ موج ۾ مهديءَ سان ماهر" جو مثال ٻڌيل هئا.

سندن خيال جڏهن پرجي ايندو هئو ته باجي تي ويهي توحيد ڳائيندا هئا. سندن سريلي آواز ۾ توحيد جو ويراڳ لڳ ڪانداري ڇڏيندو هئو. ننڍپڻ کان وٺي. سندن راڳ ويراڳ ٻڌڻ نصيب ٿيندو رهندو هئو. انجو اثر ايترو پيو جو منهنجي ڳائڻ جو به ڪجهه لهجو ۽ انداز انهن وانگيان لڳندو آهي. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته شهاڻن ۾ (جتي فقير سائن جي حويلي آهي) هڪ رات فقير سرڪار جن فرمايو، " واهه معراج علي سائين واهه" مرشد جو حڪم ٿئي ته دير ڇاجي ويراڳ علي خاصخيلي فقير ڊولڪ سنيالي هئي، چانڊوڪيءَ رات جا ٻه پهر گذريل هئا. ٿڌڙيءَ هير تي مٺڙي آواز باجي جي سان پاناٽو (شهاڻن جي پر ۾ ڳوٺ) دنگ پي ڪيو. دلاور فقير پناٽي ڳوٺ ۾ رهندو هئو. سرن هٽي، هنڪي بي حال ڪيو. ننڊ ڦٽي پيس اٿي پنڌ پيو ۽ سڌو شهاڻي وڃم جيڏي مهل ٿوريءَ دير لاءِ ساهي

آئي. فقيراڻ وزم پاڻي واپرايو دلاور فقير نيت ڇڏي ڏنو. معراج علي سائين سچو ٻناڻي جي ملاحظن جا ڪن پنهنجي راڳ ۾ ڪتل ٿئي، سچو ٻناڻو جاڳي رهيو آهي. وڏيڪ چيائين " بادشاھ تنهنجي دردیلي آواز ۾ مسافر هن ماڳ تان پلي ويا پنهنجو پاڻ. ٻڌي ڇوريون ڇتيون تي پيون آهن ۽ روئي روئي ڪن ڪيو ٿن.

معراج علي رضا جهانيان جي شخصيت تي ڇا لکي ڇا لکجي! سندن صبر، شڪر ۽ برداشت زندگيءَ جا اهم پهلو آهن. خليل جبران چئي ويو آهي" اسين غم جي اولاد آهيون ۽ غم خدا جو پاڇو آهي، " سندن زندگي انهن مشاهدن سان مڪمل پريل آهي. هر ڏک، تڪليف ۽ درد کي مالڪ جي رضا سمجهي، راضي رهڻ تہ ڪو ڪائن سکي ها. پنهنجو هجي يا پرائو، ننڍو هجي يا وڏو اگر سندن تڪليف جو باعث يا ڏک جو ڪارڻ بڻيا هوندا. تہ پاڻ ڪڏهن بہ واتئون ورائي کين ڪجھ ڪو نہ چيو هوندو. مالڪ جي طرفئون سڀ ڪجھ سمجهي خاموش رهيا هوندا.

تمام ننڍپڻ جو زمانو ٿو ياد اچي تہ درگاھ مانڌم رسول بخش جهانيان عربي ۽ فارسي ۾ تعليم حاصل ڪيائون. جيئن تہ ورهاڱي کان اڳ ڳهٽائي هندو استادن جي هوندي هئي اهڙي، طرح شاهپور جهانيان جي اسڪول ۾ بہ هندو استادن جو انگ وڌيل هئو. پاڻ ٻڌائيندا هئا تہ هڪڙو هندو استاد (نالو ياد نٿو بيهي) سندن طبيعت کان ايترو متاثر هوندو هئو جو موڪل کانپوءِ تقريبا کين هر روز پنهنجي گهر وٺي ويندو هئو ( انهي حجت لاءِ ان هندوءَ استاد وٽ بادشاھ سائين کان اجازت ورتل هئي) استاد جي ننڍڙي ڏاڍي ساٿن گڏ پڙهندي هئي جيڪا جڏهن پاڻ سندن گهر ۾ ايندا هئا. پاپڙي قلڪا ۽ مٺايون وڏي پاٻوهہ سان اچي پيش ڪندي هئي. استاد ۽ سندس گهر واري پلٽي هٿي اچي ٻارڙن سان فرش تي ويهندا هئا. واپسيءَ ۾ استاد کين حويليءَ تائين پهچائي ويندو هئو. هي اهو زمانو هئو جڏهن استاد جو مان ۽ مرتبو تمام وڏو ليکيو ويندو هئو. شاگرد تي استاد کي ايڏو مهربان ڏسي شهر جا ماڻهو رشڪ ڪائيندا هئا. گهرن مان وري خاص ڪري عورتون ۽ ڇوڪريون واجهائي هن کي ڏسنديون هيون. ٻچپن کان ئي سندن طبيعت ۾ نماڻائي ۽ نهٺائي من موهيندڙ هئي ۽ اهوئي سبب هئو جو هرڪو ساڻن پيار ڪندو هئو. شاهپور جهانيان ۾ 1922ع کان وٺي تقريبا 25 سالن تائين مسلسل پنهنجي والد صاحب هادي بخش جهانيان سجاده نشين شاهپور جهانيان جن جي تمام ويجهڙائي ۾ رهيا ان وقت جي ڳالھ آهي تہ هڪ دفعي سرڪار مهدي فقير سائن پنهنجي وڏي ڀاءُ سرڪار هادي جهانيان (بادشاھ سائن) کان سندن گهرڪئي تہ بادشاھ سائن مسڪرائيندي فرمايو هئو، " علي رضا نہ عل گل ڪپيو تہ حاضر آهي" ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پيءُ پٽ ۾ ڪيتري ويجهڙائي ۽ نزديڪي هئي!

پنهنجن مان سائين موج درياءُ ولد فقير مهدي سائين (سگو سئوٽ) سائين ويڌل شاھ ولد دادن شاھ جهانيان (سگو ڀڳات) ساڪن ننڍو جهانيان حيدر آباد ۽ پنهنجي ننڍي سگي ڀاءُ سيد علي جهانيان(شير علي جهانيان) سابق ساجده نشين درگاھ جهانيان سان گهٽي لڳندي هئي، سئوٽ ۽ ڀڳات سان پڪي ياري ۽

پاءُ سان بي انتها پيار ڪندا هئا. مون ڪنهن موقعي تي سائين گنج بخش جن سائين علي رضا جن جا وڏا سئوڻ هئا. سائين گنج بخش جهانيان جي واتان ٻڌو هئو ته طالب درويشن ۽ خاندان سائين موج درياءُ ۽ سائين علي رضا جن کي "ممتاز دمساز" ۽ سائين شير علي ۽ سائين علي رضا جن کي " عاشق معشوق" ڪري سڏيندا هئا اهي لقب اوائل ۾ استعمال ۾ رهيا ليڪن سندس اثر مون به ڏٺو. اتي سڄي خاندان وارا ڪنهن ننڍڙيءَ ڳالهه تان ناراض ٿي ڪين اڪيلو ڇڏي هليا ويا هئا. پاڻ ڪنهن سان به ذڪر ڪو نه ڪيائون ٻئي ڏينهن تي سرڪار فقير سائين پاڻ درگاه مانڌم تي تشريف فرما ٿيا. اهو ڏينهن اسانجي گهر لاءِ ڀلائي ۽ ڀاڳ کٽي آيو ۽ پاڻ مالڪن اسان سڀني کي پاٽوڻ شهاڻن ۾ وٺي آيا. مالڪ جي رضا تي راضي رهڻ واري مرشد جي عنايت ٿي ۽ اسان ننڍڙا ٻار (پيٽون ۽ پائر) والدين سان گڏ مرشد جي شايه شفقت ۾ ننڍا تي وڏا ٿياسين.

اڳتي هلي اهڙا ڪيترائي مثال ملندا جيڪي واضح ڪرڻ ضروري ناهن جن ۾ پائرن. انهن جي اولاد ۽ پنهنجيءَ اولاد جا صدما به شامل آهن ليڪن معراج علي سائن ۾ فرق نه آيو هوندو ۽ وقت تي سڀ ڪنهن کي ڪوٺي ۽ ڪري جي خبر پئي هوندي. پان هر ڏکئي وقت ۾ سڀ جا ساٿي رهيا. دنياوي گردشون به ايندیون رهيون پر پاڻ جيڪا ٻڌجي آئي، انتي شاڪر رهيا مطلب ته زندگيءَ جي هر موڙ تي سندن هٿن ۾ گلاب جا گل رهيا جن سان فيض ۽ چڱائي جي ورڪا ڪندا رهيا سندن جي ياد ۾ هيئنين قوم ۽ شعر سان "المعراج لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

Call the Rose by any other name it
will smell as sweet.

"وحدت جن جي من، نفيءَ نانڪ ڪيا.
ڪڏي ڇڏيئون قلب مان ٻيائي ڏئي ٻن،
پنهنجو پاڻ پسڻ، من آئينو تن جو.

اميد اٿم ته مالڪن جي نالي سان منسوب هي ڪتاب عقيدتمندن ۽ فقراهه لاءِ ڪن گهڙين جي ياد جو سبب بڻجي جيڪي هنن مالڪن جي محفلن ۾ گهاريون هجن ۽ ممڪن آهي اهي گهڙيون سندن جي طالبن لاءِ مرشد جي معراج ۽ وصل ڪان گهٽ نه هجن!

سرڪار معراج علي رضا جهانيان جن جو ننڍ پڻو شاهپور جهانيان ۾ گذريو، ان وقت جي ضرورت موجب پاڻ سنڌي سائين ويڏل شاه، پڪا فقه جعفريه جا ماڻهو، فقه ۽ تصوف تي بحث مباحثي ۾ ڪين ڏاڍو مزو ايندو هئو. سندن اک شاهپورجهانيان ۾ معراج علي رضا جن کي ڳولي لڌو هئو.

جوانيءَ جي جوش ۾ سڄيون سڄيون راتيون انهن بحثن حوالي ٿي وينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هئو. ته ٻئن ڏينهن تاءِ اگر ڪو مباحثو حل نه ٿيندو هون ته وري اڳينءَ ملاقات لاءِ مقرر ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا هئا ۽ وري ٻئي دفعي تي اتان کان شروع ڪندا هئا. شاهپور جهانيان جي شهر کان جهانيان خاندان جون رهائشون ۽ درگاهه اوپر ۾ آهن. رهائش ۽ درگاهه جهانيان جي وچ ۾ داد واهه (هاٿي سڪل) آهي. هن جي اولهائين پاسي سرڪار بادشاه سائن جي ڪنڊي هيٺان وستي ته اوڀارين پاسي سرڪار

فقير سائين جو درگاھ تي سنگ. بادشاھ سائين وٽ
اميرن جون محفلون ته فقير سائين وٽ رندن جون
رهاڻيون روپئي جا ٻه پاسا هئا ۽ روپئي جي ضرورت
ٻنهي پاسن کي هئي سرڪار علي رضا جهانيان ٻنا
ڪنهن شڪايت جي ٻنهي پاسن کي نڀايو. هاديءَ
مهديءَ جي صحبت ۾ سندن شخصيت ڏينهئون ڏينهن
اجاگر ٿيندي وئي. اورئين پاسي نواب بهادر ايندا هئا
ته بادشاھ سائين جي حڪم تي اڱواٽي پاڻ ڪندا هئا
ته ساڳيءَ طرح پريئن پاسي فقير سائين جي امر سان
جنگن ڪي جام سندن هٿان نصيب ٿيندا هئا. ڪڏهن
هاديءَ سان سفر ۾ ساٿي ته ڪڏهن مهديءَ جي
مهداريءَ ۾ محموريل رهيا. انهن زمانن ۾ گهوڙن ۽
اٺن ذريعي مسافريون ٿينديون هيون. ڪٿي ڪٿي ته
پيدل ٻه هلڻو پوندو هئو. شاهپورجهانيان ڪان حيدرآباد
۽ رياست خيرپور ميرس تائين قافلا وچ تي منزلون
ڪندا روانا ٿيندا هئا. هڪ منزل ڪان ٻيءَ منزل تائين
مريد ۽ عقدتمند ٻه احترامن گڏجي پوندا هئا ۽ پوءِ
واپس ٿي ويندا هئا. اهڙي طرح مريدن خادمن ۽ سنگت
سات ۾ سفرن جو سلسلو سنڌ جي ضلعن نواب شاھ،
سانگهڙ، حيدرآباد، خيرپورميرس سکر، لاڙڪاڻي ۽
دادو تي مشتمل رهندو هئو.

ناني جمن وڳڻ وٽ ڳوٺ ڪلري لڳ ڦل تعلقو
نوشهروفيروز ۾ سرڪار فقير سائين جي ڪافي آمد
رهندي هئي ۽ ٻه ٽي دفعا انهيءَ سفر دوران علي رضا
جهانيان جن ٻه ساڻن گڏ رهيا ۽ زندگيءَ ۾ پهريون
دفعو مستور جي نظر سندن نيڻن ۾ نينهن جي نگاھ
پري، ڪجھ عرصي ڪانپوءِ سرڪار فقير سائين ۽
بادشاھ سائين گڏجي ناني جمن ڪان رشتو طلب ڪيو.
ازدواجي زندگيءَ جا سندن شروعاتي سال شاهپور
جهانيان ۾ سر ٿيا. انگريزن جڏهن پير صاحب پاڳاري
خلاف سختي وڌائي هئي ته بادشاھ سائين پنهنجي
خاندان کي وٺي اچي درگاھ رسول بخش مانڌم (راٽيپور
صوپوديري روڊ جي ڏکڻ ۾ نزديڪ صوپوديرو) تي
رهيا ڪجھ سال هتي رهڻ ڪانپوءِ وري واپس شاهپور
جهانيان اچڻ ٿيو. ان ڪان پوءِ وري ڪجھ عرصي لاءِ
شاهپور جهانيان ڇڏي پيالي جي ڳوٺ پرسان بادشاھ
ساءِ پڪي (وستيءَ جو نالو) تي اچي رهيا ۽ وري واپس
شاهپور جهانيان آيا. بهرحال اهو اچڻ وڃڻ مختلف
وستين تي پيو ٿيندو هئو. شاديءَ ڪانپوءِ زندگيءَ ۾
تبديليءَ باوجود ٻه علي رضا سائين جي فطرت تي ڪو
ٻه اثر ڪو نه پيو. فقراءَ جو راڳ سندن اڳم ٻه ڪمزوري
هئي ۽ پوءِ ٻه رهي پاڻ احوال ڪيو هئائون ته هر رات
جو درگاھ جهانيان تي فقراءَ جي راڳ ويراڳ جي
محفل فقير سائين ڪرائيندا رهندا هئا. هڪ رات جو
اهڙي اچي بيتابي وڌين ليڪن رات گهٽي گذري چڪي
هئي ۽ بادشاھ سائين دستور موجب حويليءَ جو دروازو
مقفل ڪري چاٻي پاڻ وٽ رکي هئي، ان رات مجبور
ٿي ڪري بستري تان اٿيا ۽ پنهنجن حرمن کي آگاھ
ڪري پيرين اگهاڙين ته جيئن ڪڙڪو نه ٿئي ۽ بادشاھ
سائين جي بي آرامي نه ٿئي، ڏيوڍيءَ تان ڪوٽ ٽپي
اچي فقير سائين جي محفل ۾ شريڪ ٿيا. هنن محفلن
۾ محمد فقير ڪٽياڻ، خانبهادر، امام بخش (صابر
علي) جتوئي (غلام مصطفيٰ جتوئي وارن جو ڏاڏو)
نور علي، مظهر فقير لاڪو.فقيرصادق علي ڪنير ۽

سائين علي نواز جهانيان( معراج علي رضا جن جا سئوٽ) اڪثر موجود رهندا هئا. پاڻ راڳ ويراڳ ۾ سرڪار فقير سائين جو ڪلام خاص ڪري ۽ سائين علي نواز جهانيان ۽ صابر علي جتوئي صاحب جو ڪلام عام ڪري وڏي چاهه سان ڇوندا هئا. پاڻ ٻڌايو هئائون ته سائين علي نواز جن گهڻو ڪري پنهنجا ڪلام ڪوئلو ڪٺي ڀتن تي لکي ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ ننڍيءَ عمر هوندي به پڻي تي لکي وٺندا هئا يا ياد ڪري وٺندا هئا.

**اڪنڊ اباڻي ديس جي، جالڻ ڳالهه ڳري،**

**عشق نٿو ڏئي آرام، سڪ سڄڻ جي سڪ ڦٽايو،**

**سير ضم دا ڏٺم سراسر، نور نظر بشان،**

مون به پنهنجي سانير ۾ سائين علي نواز جا اهي ڪلام ۽ صابر علي جتوئي جو" شوقئون شراب نوشي رندن ڪي روز آهي" ڪاڻ ڇوندي الاهي دفعا ٻڌا. سيد علي رضا جهانيان جيئن ته بدني بناوت ۾ سنها ۽ مناسب قد آور هئا انڪري مريد خادم سندن جي لاءِ " سنهڙو سائين" جو لقب به پڻ استعمال ڪندا هئا. طبيعت ۾ صبر ۽ برداشت هئڻ ڪري ڪي وري ڪين " صابرين" جي خطاب سان ياد ڪندا هئا. طبعيت ۾ ان فطري عمل سبب پاڻ ڪڏهن به زندگيءَ ۾ وڏا ٺهڪ ڏئي نه کليا هوندا. مزاح جو اگر پئمانو وڏي ويندو هئو ته مشڪي پوءِ کلندا ضروري هئا ايتريقدر جو نيٽ رومال سان وات ڪي ڍڪٽو پوندو هون ۽ اکين مان پاڻي وهي ايندو هو جيڪو رومال سان اگهي وٺندا هئا. جواني ديواني هوندي آهي. شاهپور جهانيان ۾ پاڻ هڪ دفعي پنهنجي هڪ همسفر فقير سان (فقيرجو نالو رحمت علي وڳڻ هئو) مذاق ڪئي. ٽاڏل ۾ چريو ڏاتورو ملائيون. رحمت علي درويش به ٻه ٽڏا گلاس ڳڙڪائي ويو. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ فقير وٽ جو نه هئو ڪاڏي وئي گوڏ ته ڪاڏي چولو صفا الف لڱو بيٺو هجي. پوءِ ته سڄي رات ٻين درويشن سان گڏجي فقير جي تيل مالش ۾ گذرين. اهڙي نموني هر قسم جي محفلن سان گڏ زندگيءَ جو سفر اڳيرو ٿيندو رهيو ۽ هاڻي سيد علي جهانيان(شير علي جهانيان) ٻين لفظن ۾ سندن معشوق ڀاءُ اچي جوان ٿيا ته شاهاڻا شان مان ۽ ڪار گذاريون سندن حوالي ڪيائون ۽ پاڻ اميرن جي پروٽوڪول ڪان فارغ ٿي گهڻو وقت سائين موج درياءَ جهانيان جن سان گهارڻ لڳا. هنن ٻنهي سئوڻن جي جوڙيءَ ڪي مريڳدن طالبن وٽ وڏيءَ عزت ۽ عقيدت سان پايو ويندو هئو. ايتريقدر جو جڏهن هتي جوان جنهن ڳوٺ مان رخصت ٿيندا هئا ته عقيدتمند روئي پوندا هئا. ۽ قافلي جي ڪجهه ميل ڪن پنڌ رخصتيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. سائين موجدرياءَ جن سندن ڇوڻ موجب رات واري سفر ڪان لهرائيندا هئا. هڪ دفعي ٻنهي بادشاهن ڪي" پيالي" جو ڳوٺ ڪان درگاهه مانڊم تائين اچڻ لاءِ سج لٿي نڪرڻو پيو پاٽيءَ جي ڪوٽ سبب باران يا ڪوهن تي پوڪون ٿينديون هيون نه ته رڳو جهنگل هوندا هئا. جڏهن گهوڙا ڪانائي ڍنڍ جي ويجهو پهتا ته گهوڙن به ڪنايون دڙها هنيا هڪ عجيب قسم جو آواز پن مان پي آيو ۽ اونداهيءَ رات سبب سڄو منظر پوائتو لڳي رهيو هئو" علي رضا پڇ ته پڇون. اها الاءِ جي ڪهڙي بلا آهي!" سائين موج درياهه جن چيو ۽ گهوڙي ڪي اڙي هيئڻ ۽ سڏو درگاهه

مانڊم تي گهوڙو ٿهي رهيو هئو انڪري سرڪار علي رضا جن گهوڙي تان لهي گهوڙي جي واڳ سان ڏستي ٻڌي گهوڙو اتي ڇڏي پاڻ آواز واري طرف روانا ٿيا. زبردست اونداهه ۽ جهنگل ۾ ماڇيس جون تيليون ٻاريندا انهيءَ جاءِ تي پهتا جتان خوفناڪ آواز اچي رهيو هئو. پاڻ ڏٺائون هڪ وڻ هيٺيان ٻڪري ويائي ويٺي هئي ۽ ننڍڙو ڦر سندس پير ۾ هئو اها ٻڪريءَ جي هيٺي ۽ ڊڄ واري ٻيڪ هئي جيڪا سمجهه ۾ نه پئي آئي ته ڪا هن ٽائيم تي جهنگل ۾ ٻڪري هوندي!! پاڻ ٻڪريءَ جو ڦر ڪڇ تي ڪنيائون ته ٻڪري به اٿي ڪڙي ٿي. گهوڙي وٽ پهچي، گهوڙي جي دستي ڪولي هڪ هٿ ۾ گهوڙي جو لغام وٺي ٻئي ٻانهن تي ٻڪريءَ جو ٻچو ۽ پويان ٻڪري پنڌ هلندا اچي درگاهه مانڊم تي پهتا، لوڙهي جي در ۽ لانڍيءَ تائين سائين موج درياهه جن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي ۽ اجان درويشن کي به نه ٻڌايو هئائون ته سائين علي رضا جن به اچي پهتا بادشاهه ڏاڍو زورا ور آهين ٻڪريءَ جي جاءِ بگهڙياٽي هجي ها ته پوءِ!" سائين موج درياهه جن هڪڙي فقير کي هڪلي ڏئي چيو" گهوڙو ته وٽ سائين کان هارڻ واري کان ٻڇائڻ وارو ويجهو آهي" سائين علي رضا جن چيو" بگهڙن جي به اچڻ جو وقت هئو جيڪڏهن مان نه پهچان ها ته ٻڪري سندس ٻچو بگهڙ کائي ڇڏن ها.

سرڪار معراج علي سائن جو هيٺيون ڪلام فقراء ۾ هلندڙ آهي.

دم سان سرت لڳاءِ، اجايو ويهي وقت نه وڃاءِ
ڪثرت وارا ڪوٽ ڀڃي، قلبي قرب ڪماءِ،
اڪر الف جو اور اندر ۾، روحي رمن ڪماءِ،
ونحن اقرب واعدو وصلي، صورت منجهه سماءِ
دم دمي ڏس دم ۾ دلبر، ديد درونـي پاءِ،
مرشد مسيحا معراج علي مهدي من ملاءِ.

پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ سڃاڻ،
طرف نه پئي ڪنهن تاڻ،
موڪيءَ واري مام سان محڪم،
موج مدامي ماڻ،
وفي الفسڪم وارو فرمودو،
چاڻ اهوئي چاڻ،
الانسان سري وانا سرهو،
اهو اٿئي اهيڃاڻ،
صوفي رمز رنديءَ ۾ راهڪ،
ڪوهه ڪيڻ ڪنهنجي ڪاڻ،
راضي راز علي رضا تي،
سيد سدائين ساڻ.

فقير سمر علي مخدوم جهانيه جو فقراءِ سنگ جي صورت ۾ توحيد پڙهي رهيو آهي.

فقير مولا

# سمر علي سرڪار

مخدوم جهانيان

فقير فرهاد علي

جيڏو شاهہ مردان جو شان ڏٺم،
ايڏو ٻئي نہ ڪنهن جو مان ڏٺم.

فقير مولا سمر علي جا ڪروڙين قرب جو هن مسڪين ناچيز کي بہ اکر لکڻ جي اجازت ملي، پر حقيقت ۾ فقير جي باري ۾ (هادي پاڪ) لاءِ ڇا لکي سگھجي ٿو نہ ڪي لفظ آهن نہ زبان ۽ نہ وري قلم ۾ ايتري مس آهي. جو فقير جي ثنا ڪري سگھجي ائين ڪٽي ڇڏجي تہ فقير ٿي ڪل آهي. اتي ڪلام ٿو ياد اچي.

لک لک ڪروڙين قرب تنهنجا، قرب دار پايان.
ناهي تعريف ڪرڻ جي، توڙي سمنڊ مس بڻايان.

فقير مولا مهدي سرڪار جا پائيٽيا فقير معراج علي سائين پڻ دست بيعت طالب هئا. پاڻ مالڪن سيني مان چوندي وجي پنهنجي طالب سيد معراج علي جهانيان کي ڪول ڪيو. جيڪي فقير مولا سمر علي سرڪار جا والد برگوار هئا.

فقير سمر علي جهانيان بہ انهي هستيءَ جو دست بيعت ۽ پيارو طالب آهي. جيڪو ويهين صديءَ ۾ سچي هند سنڌ تي تہ ڇا ڪائنات تي ڇانيل رهيو طالب درويش ۽ سنگت فقراءَ خاندان وارا هن هستيءَ کي فقير سائين يا ڇيرن وارو سائين جي لقب سان ياد ڪندا هئا. اصل مالڪن جو نالو سيد غلام مهدي سائين جهانيان هئو ۽ پاڻ مالڪ ڪنهن کي خط لکندا هئا تہ صحيح ڪرڻ وقت مسڪين لاءِ وطن غلام مهدي لکندا هئا. سنڌ جي سر زمين تي اوتارو ولنڊڙ ۽ بهادر بزرگ، سياستدان، صوفن سورهين، غازين، شهيدن، عاشقن، اوليائن، غوث، قطب، ولئين ۽ فقير جهڙيس هستين هن ڌرتي تي آيا.

انهن ۾ فقير مولا سمر علي سرڪار جهڙي هستي بہ هن ڌرتي تي اوتار وٺي آيا. اهڙو شرف هن ڌرتي کي مليو جو ٻئي ڪنهن بہ ڌرتي جو اهڙو شان نہ هوندو ڇو جو فقير اولين ۽ ڪل آهي.

فقير مولا سمر علي سرڪار جن جو اوتار ظاهري هن ڌرتي تي 15-01-1950ع ۾ پوٺي جي ڳوٺ ۾ ٿيو. جيڪو درگاهہ مانڌم جي سامهون آهي. ٻہ ڪلو ميٽر تي آهي ۽ پاڻ مالڪن جو شريعت جو نالو شاهنواز رکيوويو. اسان جهڙو ڀاڳ وارو ۽ خوش نصيب هن ڪائنات ۾ ٻيو ڪو نہ آهي. ڇو جو فقير سمر علي هتي (هن ڌرتي) آيا ۽ اسان کي ديدار نصيب ٿيو ۽ پاڻ سان ڪول ڪيو. اهڙي هادي نان هر هر صدقي ٿيان.

صدق هادي تو تان سدا سدا لک واري ڏينهن ۾ پاڻ مالڪن پرائمري تعليم 1955ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميرخان شاهاڻي ۾ ورتي ۽ پوءِ 1965ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو هاءِ اسڪول دوران ائين ڪلام ۾ 1963ع ۾ هئا تہ پاڻ مالڪ فقير لاءِ مهدي سرڪار جا دست بيعت ٿيا. ڳوٺ لاڪا جيڪو گمبٽ کان ست، اٺ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي صبح جو پرهہ ڦٽي جو اسم نام ورتو طالبي جو پهريون نام ثابت علي رکيو ويو ۽ ٽن مهينن کان پوءِ وري نام بدلائي سمرعلي رکيو ويو.

سمر علي جي معنيٰ ساٿ، زاد راهه يعني سفر جو سامان جنهن کي کٿي وسيلو يا سهارو چئجي. انٽر پاس ڪري B.A پارٽ ون ۾ داخلا وٺڻ جي وچ ۾ ڇهن مهينن جو وقفو ملندو آهي. انهيءَ وقفي دوران پاڻ مالڪن استاد گلزار علي خان صاحب لاڙڪاڻي ۾ راڳ جي سکيا ورتي. 1967ع ۾ انٽر پاس ڪيائون گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1971 Economics M.A .B.A ع ۾ پاس ڪيائون پهرين نوڪري 1972ع ۾ لوڪل ڪائونسل سروس ڪاتي عمر ڪوٽ ۾ ڪيائون ڇهن مهينن کان پوءِ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪمپني ۾ اسسٽنٽ ٽرانسپورٽ مئنيجر جون 1975ع تائين حيدرآباد ۾ ڊيوٽي ڪئي جڏهن پاڻ مالڪ حيدرآباد ۾ نوڪري دوران به رهڻي ڪهڻي سچي پنهنجي مرشد سان منسوب هئي. هاڻي به ائين ته چا پر ان کان ڏينهون ڏينهن وڌ ساڳيو نياز نوڙت پاڻ کي نفي سمجهي غريب ۽ مسڪين لاچار ۽ مجبورن جو لڇپال ڇڻ محبت جا ته ڪي پندار پريل جيڪو اچي پهريو وڃي.

عشق وارن کي، عشق ريءَ آرام ناهي،

قرب وارن کي، قرب ري پيو ڪام ناهي.

نوڪري جي زماني ۾ سنگت فقراءَ ڪو نه هوندو هئو. هڪ درويش سنڌن ڊيوٽي ۾ رهندو هئو، رات جي وقت ۾ يڪتارو کڻي پنهنجي ڪمري ۾ توحيد پاڻ مالڪ جهونگا ريندا هئا. پاڻ مالڪن حقيقت ۾ نوڪري به ڪري فطرت جي خلاف ڪم کي هلايئون.

جنرل ضياءَ جو دور آيو، پٽي صاحب جو دور وارا آفيسر لاٿا ويا. ان ۾ سنڌن جو به نالو هئو. پاڻ مالڪن مالڪ جا لک ٿورا سمجهي پاڻ اچي، فقير مهدي سائين جي طالبن ۽ درويشن کي ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي ڏاڍا ڇڙو ڇڙ ٿي چڪا هئا. ابتدائي مرحلي ۾ دروازي تي ۽ پوءِ درگاهه تي سال کن رهيا. جنهن ۾ عبادت علي، نياز علي مرڪنڊ، منصور علي ۽ وحدت علي فقير گڏ ٿيا. فقرائن سميت ڪجهه عرصو درگاهه مانڊم نزد صوبوديرو قيام ڪيو ۽ سندس والد فقير معراج علي جهانيان جي رياضت ۾ هٿ ونڊائيندا رهيا ۽ ان سان گڏ مهمينن جو محفلون به جاري رهيون تقريبن زير غور هتي مهتاب عليٰ سائين جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جيڪو فقير مولا سمر علي سائين جو ڀاءُ آهي. ان کان به ڪافي ڳالهيون معلوم ٿيون. مهتاب علي سائين ٻڌايو ته هڪ دفعي انهن ڏينهن مان به درگاهه مانڊم تي آيل هئم فقير مهدي سائين جي ڪلام آهيان

**عبديت جي اولي ڳجهي ڳالهه لڌم ڳجهه ڳولي**

تي ٻنهي صورتن جي وچ ۾ ڪچهري ٿي. جيڪا مون کي اڃان تائين اکر به اکر ياد آهي. هڪ عبديت معنيٰ عبد بندو (صفائي هن جهان ۾ ) ٻئي ابديت معنيٰ ابد، اصل (اصلي، هن جهان ۾) جڏهن آدم جو پي ظهور ٿيو. سوال ٿيو. الست بربڪم (ڇا مان توهان جو رب آهيان؟) جواب آيو. قالو بليٰ (چيائون هائو) حڪم ٿيو ڪن فيڪون (ٿي پوءِ ٿي پيا) اهڙي طرح ابديت (اصليت) ڇڏي روحن عبديت (بندگي) اختيار ڪئي. عبديت (بندي)جي روپ ۾ عبديت جا ٻه ضد (عابد ۽ معبود) قائم ڪيا ويا. عبادت ڪرڻ وارو ۽ بيو جنهن جي عبادت ڪئي وڃي تصوف ۾ انهن کي

طالب ۽ مطلوب بڻيو ۽ مطلوب بڻيو ۽ مطلوب ٿيڻ کان پوءِ جڏهن اها معرفت نفي ڪيائين ته فنافي الله (الله ۾ فنا) ٿي پيو ۽ پوءِ بقايا الله (رهي الله جي ذات) ۾ ظاهر ٿيو ۽ اها ڳجهي ڳالهه لڳي پئي. انهي ڳالهه تي مون کي به ياد اچي ٿي ته جڏهن مان شهرت علي کي چوندو هئيس ته منهنجو مرشد الله آهي. يڳوان آهي. قرآن ۽ ڳيتا به اهو آهي. انهي تي شهرت علي چوندي هئي الله يا ڀڳوان آهي سو آهي. ائين نه چئو مان چوندو هئس ته منهنجو ته الله به اهو آهي ۽ ڀڳوان به اهو آهي ۽ سڀ ڪجهه پر تنهنجو ڀڳوان الائي ڪٿي آهي. انهي تي ڪئي دفعا ٽڪراءُ ٿيو هڪ دفعي فقيرمولا سمرعلي سرڪار وٽ اسان ٻئي وياٺا هئاسين. اها جڳهه هئي محبتي مئخانو مرڪنبہ سک چين ونجي هينيان ته ويني ويني پاڻ ئي فقير سمر علي سرڪار فرمايو. ماڻهن ڏي اشارو ڪري چيائون هي جانور آهي.هن ۾ ماڻهپو اچي ته ماڻهو ٿئي ۽ پوءِ انسان ٿئي ۽ انسان کانپوءِ الله ٿي پوي، مان ڏاڍو خوش ٿيس. جڏهن ٻئي ڄڻا (شهرت علي ۽ فرهاد علي) ڪچهري کان ٻاهر آياسين ته شهرت علي کي مان چيو بس. منهنجي سوال جو جواب مالڪن بي رنگ ۾ ٻڌائي ڇڏيو ۽ مون تي قرب دار قرب ڪري ڇڏيو.

مولا فقير مهدي جهانيان جڏهن هن فاني جهان مان بي رنگ ٿيا ته وصل جي ڇٽڪن اچي. فقير سمر علي من ۾ ويتر مچ مچايا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو. هستي ۾ محبت جي مستي وڌندي رهي.ان دور ۾ فقير مولا سمر علي پنهنجي والد سائين ۽ سجاده نشين سردار شير علي جهانيان ، جيڪي پڻ فقير مولا مهدي سرڪار جا طالب هئا. ٻئي هم ڪلام رهندا هئا، سندن خيالي پرواز کي ڏسي انهن ٻنهي بزرگن هستين به آخر ۾ اچي پنهنجي حال ۽ خيال جون ڳالهيون ڪين سونپيون جي، ايس بلوچ (خريد علي) فقير سائين مهدي پاڪ جي وصال ڳاهه تي تڪيو تيار ڪرايو. جيڪو راٺيپور ۽ صوبيديري جي وچ ۾ واقع آهي. اتي به پاڻ فقراءَ سنيت حاضري ڀريندا هئا ۽ راڳ ويراڳ ڪندا هئا. موجوده تڪيئي (دربار) واري جاءِ تي اڳ ۾ فقير مهدي سائين جن جو مڪان هئو. جنهن کي ڳاڙهو مڪان ڪري سڏيندا هئا.جڏهن ته هڪ دفعي زوار سائين جن جي دربار تي سک ڪٺي آيا. خدو لاڙڪ جو فقرائن سان رويو صحيح نه هئو. ايتري جو مچ جو ڪاٺيون به ڪڍي ڪٺي ويو. پوءِ تنهن تي فقير سمر علي هن کي چيو به هي پنهنجي ڏاڍائي واري رولي کان باز نه آيو. تنهن تي پاڻ مالڪن هن کي چماٽ هڻئي چيائون ته هتان هليا وڃو. جيستائين اسان سک ڏئي وڃون پوءِ اچو. تنهن تي هي وڃي شهاب الدين سائين کي وٺي آيو. سمر علي سائين شهاب الدين سائين کي چيو. اسان سک ڏيون پوءِ پلي هي اچي في الحال ٽري وڃي، وري خدو لاڙڪ شاهپور جهانيان وڏن سائين وٽ پر سائين تي موجود ڪونه هئا ۽ پوءِ وري موج درياءَ سائين کي دانهن ڏني تنهن تي موج درياءَ سائين فقير سمر علي سرڪار وٽ آيا ۽ چيائين ته اڄ خيبر فتح ڪيو اٿو. انهي ڳالهه تي موج درياءَ سائين به ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پاڻ سمر علي سرڪار کي درٻار تي وٺي اچي ويهاريو ۽ چاٻي حوالي ڪئي. اهو زمانو شايد 1983ع جو هئو. پاڻ مالڪن درٻار

جي چاٻي قدم علي ابڙو کي ڏني. پاڻ مالڪ سيلاني رهيا. جنهن ۾ فقراءِ اڪثر ڪري، ارباب علي، منصور علي فقيرءِ قربان علي شيخ ۽ ٻيا سِڌائين سنگ ۽ هوندا هئا. پوءِ وري ٻه ٽي سال بخش علي لاڙڪ ۽ انهي کان پوءِ وحدت علي جيڪو فقير پاڪ جو چاٻي بردارپڻ هئيو ۽ آخري چاٻي دار گلاب علي شاهاڻي هئا. پاڻ مالڪ لاءِ طمع ٽي رياضت جو سلسلو شروع ڪيو. تڪئي جي پرسان ٽي پلاٽ خريد ڪيا. ليڪن پنهنجي نالي ڪونه ڪرايا هڪ پلاٽ سيد مقصود علي جهانيان ٻيو پلاٽ منور علي سائين. ٽيئون پلاٽ فقير مهدي سائين جي پوٽئي غلام عهدي جي نالي ڪرايو. درٻار تي ڪلر ۽ گند گاهه ڏاڍو هوندو هئيو.پوءِ مالڪن پاڻ سرون پارايون ۽ ڪورا تيار ڪري سرون پچايون درٻار ڪي ڏينهون ڏينهن سينگاريندا رهيا ۽ پاڻ مالڪن ان ۾ خود رياضت ڪئي. ٽاليون ڊوڻ تڳاري ڪٽڻ ۽ ڪوڏر هڻڻ سڀ ڪم فقرائن سان گڏ ڪندا هئا. فقراءِ چوندا هئا ته سائين توهان ويهو اسان ڪم ڪيون ٿا. پر پاڻ فرمائيندا هئا ته چو اسان پنهنجي رياضت چو نه ڪيون. توهان جو هادي آهي ته منهنجو به هادي آهي. درٻار تي نواڻ ۽ سونهن جي واڌ ٿيندي رهي. پوءِ لاٽيون ۽ ڪافيون نهيون لان. ٻوٽا،وڻ ٽڻ لڳايا ويا.

ميدان هڪ ڪرايا ويا نه رڳو درٻار. پر جتي فقير پاڪ جا مڪان ۽ ميٺخانه هئا. انهن کي به نئين سر سينگاريندا هئا.

اتي ممتاز علي سهتي جو ذڪر ضروري آهي. تقريبن 1990 ع ڌارن ڪنديارو ۾ شفٽ ٿي آيا ۽ انهن سان گڏجي فقير سمر علي سرڪار جو ديدار نسيب ٿيو. ظاهري قربداري ممتاز ۽ باطني قربداري فقير سمر علي سرڪار جي آهستي آهستي فقير پاڪ اهڙو ته محبت ۽ پيار ڏنو جو هرشيءِ وسري وئي صرف مالڪن جي تانگهه تنوار هوندي هئي. فقير مولا مهدي جي ڪروڙين قرب بچپن ۾ ديدار ڪرايو ۽ محفل ۾ ويهڻ جو شرف مليو وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ خاص ڪري يونيورسٽيءَ جي دور ۾ طالب ٿيڻ جو شرق ٿيو. پر خيال ۾ اهو هو ته طالب ٿينڊس ته فقير مهدي مولا جو ٻيو ڪنهن جو به نه انهيءَ ڪري درگاهن گهمڻ سيد فقير جي ديدار لاءِ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. پر خيال فقير مولا مهدي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڏي به نه وڃي. حالانڪي انهيءَ دوران گهڻو اچڻ وڃڻ رڳو فقير سمر علي سرڪار ڏي ٿي ويو. محبت به ايڏي ڏني جو سڀ رشتا. ناتا هن محبت جي اڳيان پوئتي هٽي ويا. ساهه سرير ۾ رڳو فقير سمر علي ياد هئو ٻيا وسري ويا. پر پوءِ به خيال انهيءَ ڳالهه تي اٽڪيل ته طالب ٿئبوته فقير مولا مهدي جو ائين ڪافي سال گذري ويا. هڪ دفعي درٻار جو ميلو هيو ۽ ميلي تي آيس. فقير سمر علي سرڪار جن سان سجود ڪري مليس ۽ پرسان ويهي رهيس. پاڻ مالڪن خوش خير عافيت ڪئي. هميشه وانگر چرس به ڏنو ۽ مان خاص ڪري گينڊي ڪٽلي دبوني واري جي پرسان ويهندو هئس. اها اجا تائين عادت آهي. پرسان ويهڻ جو مطلب هئو ته فقير مولا سمر علي سرڪار جيڪا ڳالهه فرمائين ته ٻڌان آڌي رات تي چا ڏسان ته فقير سمر علي سياري جي مچ جي سامهون ويٺا هئا. منهنجي ۽ سائين جي

وچ ۾ اٽڪل ٽي چار فٽ جو مفاصلو هيئو ته ڇا ڏسان فقير سمر علي سرڪار جي جاءِ تي فقير مولا مهدي سرڪار جن ويٺا آهن. مون سوچيو ته مونکي چرس جا نشا ٿيا آهن ۽ اکين کي مهٽي وري ڏسڻ لڳس ته سائين فقير پاڪ مولا مهدي سرڪار جن ويٺا آهن وري اکين کي مهٽيم ڏسان ته فقير پاڪ مهدي سرڪار جن ويٺا آهن. ۾ ائين چار دفعا ڪيم. جڏهن پنجي دفعي اکين کي مهٽي ڏٺم ته فقير سمر علي سرڪار ويٺا هئا. پاڻ مالڪ مونکي ڏسي مسڪرائي منهن مونن ۾ وجهي ويهي رهيا. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ ڳولا ختم ڪيم ۽ چيم ته اهوئي فقير مولا مهدي آهي. ساڳي صورت ۽ سيرت.

عاشقن اثبات ڪيو آهي، امانت ڪنهن ڪنهن.
ثابت صورت سيرت جي آهي، سلامت ڪنهن ڪنهن.

اهڙي طرح ويهن سال دربار تي فقير سمر علي سرڪار سائين پنهنجي هادي جي رياضت ۾ گذاريا، 18 سيپٽمبر 2003 تي سيد حسن شاهه جهانيه عرف سيد عبادت علي جهانيه موج درياه سائين جن جي ٻئي نمبر فرزند (دربار) تڪيه ٔفقير پاڪ اچي سنڀاليو. پاڻ پوءِ سير ڪندا بلوچستان کان ٿي واپس وريا ۽ اتي محبوب علي شيخ مرڪندن وارن وٽ قيام پذير ٿيا اهو سمورو سفر مهينه ڏيڍ جو رهيو جنهن ۾ جنهن قرب واري ڪوٽ تي ڏني ته پاڻ ان ڏانهن لڙي ٿي ويا. پوءِ ڪنهن وٽ رات ته ڪنهن وٽ راتيون ۽ ڏينهن.

فقير محبوب علي فقراءِ لاءِ مستقل رهڻ جو بندوبست ڪيو هو ۽ ڪين اتي ئي قرار اچڻ لڳو. ايتري ۾ ان وقت دوست محمد مرڪندن بعد ۾ انور علي فقير اچي عرض رکيو ته فقراءِ جي مستقل رهائش سنڌن ڳوٺ ۾ ڪئي وڃي جتي اڳ ۾ ئي هڪڙو آستانو فقرائي ٺهيل آهي. ان کي اڃا به وڌائي ويجهائي ان لائق ڪيو وڃي. جنهن ۾ فقراءِ خلاصائيءَ سان رهي سگهي. پاڻ انوار جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪيو ڇڏين. پر نيٺ انوار جي ساري ٿي ۽ محبتي ميخانه جي اظهاري ٿي.

هي ميخانه اڳڙن جي پرسان ڳوٺ يار محمد مرڪندن ۾ واقع آهي. جتي هن وقت مهدي مولا مرشد پاڪ جي مهرباني، سان محبت جون محفلون مچنديون رهن ٿيون ۽ اڳتي به جاري ۽ ساري رهنديون. فقير سمر علي سرڪار سنڌ هجي يا بلوچستان جتي به ٿا فقراءِ سميت پڌارين، اتي مائين، مردن عقيدت مندن جا ٽولا هڪڙا ٿا اچن ته ٻيا وڃن ڪي ئي سائل اولاد جا سڪايل ته ڪي مرضن ۾ مبتلا اچي ٿا پيش پون. فقير رنگ بي رنگ ۾ انهن جي مدد ڪري ٿو ۽ فقير جي در تان ڪو به سوالي خالي نه ٿو موٽي. منهنجي خيال هي مهو مقام آهي.جنهن لاءِ مرشد پنهنجي طالب لاءِ پاڻ فرمايو هيو ته سڄي خاندان مان ان مسند ۽ منزل ماڻڻ لاءِ فقير سمر علي جهانيه جو انتخاب ڪيو هو.پاڻ مالڪ جتي به اچي ٿا ويهن ته فقير فقرائن جون رهاڻيون ۽ ڪچهريون مچي ٿيون وڃن. جن کي ٻڌي دل تازي تواني ٿي ڏوبجي ٿي وڃي ۽ پوءِ نواڻ اچي وڃي ٿي.

راءِ آيو پنهنجي رعيت ۾.
ڪري راڄن سان رهاڻيون.

پاڻ مالڪن جي ظاهري عمر 61 سال ٿي آهي. ايترن



عورتن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر شائسته ملاح مفت طبي ڪئمپ درگاھ مخدوم علي رضا جهانيہ جي روضي تي مريضن کي چيڪ ڪندي

عورتن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرياڻي مس فوزيہ شاهاڻي درگاھ معراج علي رضا جهانيہ جي درگاھ تي لڳل مفت طبي ڪئمپ ۾ مريضن دوئون ڏيندي.

ٻارڙن جو خاص ڊاڪٽر رياض احمد فاروقي صاحب ٻارڙن لاءِ دوا لکي رهيو آهي.

سالن ۾ پاڻ ڪڏهن وڳو وٺي نہ پاتو نہ وري مال ملڪيت ڪٺي ڪئي اٿن. پاڻ ڪي جو فقير جي نام تي ملي اهو بہ فقرائن ۾ ورهائي ڇڏين. پاڻ هٿين خالي نہ ڪڏهن پنهنجي لاءِ جوڙائي سڄي زندگي مئخانن ۾ گذاري. جهڙي آيس ڄڻن ڏانهن،

تهڙي وڃا تن ڏي.

اهڙي مولا تي گهور وڃجي،

سر ساھ صدقي ڪجي.

گهوري وڃان مان گهوري،

آءِ پيارل اوري.

فقير سمر علي سرڪارقربدار جو اهڙو قرب جو هيئر تائين اهڙو عاشق، اولياءُ، ولي، غوث قطب ۽ قلندر تي گذريا آهن.پر فقير سمر علي پاڪ جهڙو ڪم ڪنهن بہ نہ ڪيو. جنهن بہ اسم نام (طالب) ورتو. انهن وڃي جهنگ، جبل، پهاڙ وسايا.پر فقير سمر علي واحد آهن. جنهن ويهي آدم ۾ اسم اوريو. ڪنهن بہ عاشق، اوليائن پنهنجي فقرائن کي گڏ ڪرڻ جو نہ سوچيو ۽ انهن جي ظاهري لاءِ ڪم ڪيو. فقير سمر علي سرڪار سيني فقرائن کي گڏ ڪرڻ انهن جي ڀلائي لاءِ هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن 07-03-2009ع ۾ وجود ۾ آندي. جنهن مان سيني کي لاڀ پيو ٿو ملي.هادي پاڪ جي باري ۾ ڇا لکي ڇا لکجي ۽ سوچيم ڪتان شروع ڪيان ۽ ڪڏهن لکيو بہ ڪو نہ هيم. فقير جي نظر سان لکڻ شروع ڪيم تہ قلم بس ئي نہ ڪري آخر ۾ هي شعر چئي پورو ڪريان ٿو.

الله انهن کي آڻ، جن جون جايون جيءَ ۾.

تن پرين تان پاڻ، سو دفعا صدقي وڃان.

# " خودي ۽ خدا "

مير ارشد حسين ٽالپر

خودي فارسي ٻولي جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ ٻاٽپڻور، پاڻ پڻائڻ پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ، ٻئي ڪنهن تي اک نه ٻڌڻ. صوفي خودي کي" مان" رڏي ۽ آڪڙ هئڻ (هستي) به مراد وٺن ٿا. خودي کي عربي" انا" چوندا آهن هن مادي دنيا ۾ جيڪو فتنو وڌيو آهي ان ۾ جو سبب انانيت ۽ خودي آهي تنهنڪري سڀني صوفين ان خودي کي ختم ڪرڻ جي سهڻي صلاح ڏني آهي چو ته جتي خودي هوندي ته اتي خدا نه هوندو جتي خدا هوندو اتي خودي نه هوندي تڏهن ته لطيف سرڪار بي ساخته چيو ته:

خودي ۽ خدا، ڪو نه ماپندا هڪ جاءِ تي،
ٻن ترارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾.

لطيف سائين سهڻي مثال سان سمجهائي چاڻ ڏني ته جيئن ٻه ترارون هڪ مياڻ ۾ ماپي نه ٿيون سگهن تيئن خوديءَ ۽ خدا هڪ جاءِ تي رهي ڪو نه ٿا سگهن. لطيف سهڻي ته هي نما جيڪا تون ظاهري پڙهي رهيو آهين ان ۾ به تر برابر به تڪبر ۽ خودي هوندي ۽ پاڻ پڻائڻ هوندو ته اها نماز به حقيقت ۾ نماز نہ آهي:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.

يا

جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چئو.

جيڪي ڀلارا درويش خودي ڪائن ٿا ته اهي خدا ۾ فنا ٿي بقا ماڻن ٿا. اهي مان مان جي ملڪ جا راهي نه آهن. اهي هميشه " تون هين تون" جي تند تنوارن ٿا. اهي ڀلارا جيڪي ظاهري ڏيکاءَ جڏي صرف " توهين تند تنوارن ٿا" انهن جي آسڻ کي ڪوڙين سلام ڪن ٿا. اهي مرڻ کان پوءِ به هميشه لاءِ جيئرا رهن ٿا ۽ مرن ڪڏهن به ڪونه ٿا ڀٽائي سرڪار اهڙن درويشن لاءِ فرمائي ٿو ته:

ڪن ڪٽ ڪا پٽ ڪاپڙي، ڪن جي ڪٽائين،
لاهوتي لطيف چئي ماڳ نه منائين.
جي خودي کي ڪائين، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

خودي ڪائڻ وارا يا من کي مارڻ وارا اهڙا ڏٺي جا پيارا ڀانها آهن جو لطيف پوري سنڌ هند کي وڏي واڪي چوي ٿو ته ڀائو جيڪي امر انسان پنهنجي نفس کي نيچو بنائي خودي کي ڪائن ٿا ۽ خودي کي ڪائڻ جي صلاح ڏين ٿا، پوءِ اچو ته سڀ گڏجي انهن پوتر آستانن تي انهن جا تڪيا ڏسڻ گهرجن اڄ ڪلجڳ آهي خالق ڇڻ خلق کان وسري ويو آهي، انهن دنيا کي دين ايمان ڪري ورتو آهي اهڙا انساني صورت ۾ حيوان، جن جو مطلب صرف کائڻ پيئڻ ۽ موجون ماڻڻ آهي.

لطيف سرڪار پنهنجي رسالي جي اڪثر سرن ۾ هيٺياهين هلڻ نمي ڪمي نهارڻ هوجون تون نه چئوجي تقلين ڪئي آهي مثال:

نمي ڪمي نهارتون، ڏمر مان سڀ ڏڪ،
صبر مان سڀ سک، جي سنواريا سمجهين.

يا

هوجون تون نه چئو واتان ورائي،
اک اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي ڪيني وارو ڪينڪي.

خود شيطان به پنهنجي برتريءَ ۾ اهو دليل ڏنو ته" انا اخير منه امان" هن کان ڀلو آهيان. جو دم هنيون ته ان رمزنيءَ سبب ڏٺيءَ پنهنجي درگاهه مان ڌڪي ڪڍيو. مولانا سعدي چوي ٿو:

تـڪـبـر عـزازيـل را خـوار ڪـرد،
بـــزنـــدان لـعـنـــت گـرفـتار ڪـرد.
تڪبر عزازيل جي ڪي لعنت جي ڦندي ۾ ڦاسائي ڇڏيو.
سـيئي سهاڳيون سين پاتا هس،
پسڻ خاطر پرينءَ جي وڏا ڪيائون وس،
ڍول تنين جي گس، هيناهين هلڻ جي.
پـريـن تـہ انهن کي پيار ڪري ٿو جيڪي هيناهين هلن ٿا هستي هوڏ کي حرام ٿا سمجهن فقير جيڪو سيٽيو سو سٽيو جا قائل آهن جيئن ڦردار وڻ ميوي سبب هيٺ جهڪيل هوندو آهي اهڙي طرح مٺيا وارا هميشہ هيٺ ڪنڌيون واحد جي واٽ هلن ٿا. موهن فقير ڏسو کهڙو نہ عمرو اصول ٻڌايو آهي تہ:
" خان ڪائڻ خوديءَ کي، جيئن پسن ڏئي ڇوري،
اهي مرد خودي کي، اهڙي طرح ڪـائن ٿا.
خودي ڪائڻ مان ڪين لطف حاصل ٿئي ٿو جيئن عام ماڻهو کي ڇوري کان مان لطف ايندو آهي.
انهن لاءِ نانڪ يوسف پڻ چوي ٿو تہ:
آيا ڪلجگ زور زمانہ، ڪوئي ڪسي ڪا ڪها نہ مانا،
هـڪـڙي حـاڪـم سـاڌ سڏاون، ڪيئي ملان ملوانا،
خلـق خـراب خـودي ۾ هـوئـي، مـن حـيـرت وچ آيا.
اهڙو ڪو سمو اچي ويو آهي جو ڪوئي ڪنهن جو چوڻ نہ ٿو مڃي حاڪم پاڻ کي؟ساڌ ٿا سمجهن پر آهن چورن جا مکي، ملن اجايا سجايا فقهي مسئلن جو چار آٿي ماڻهن کي ڦاسايو آهي، ان جو اصل سبب خلق کي خوديءَ خراب ڪيو آهي سڀ ڪو پاڻ کي سير ٿو سمجهي، پاءِ سڏائڻ لاءِ ڪو تيار ئي نہ آهي، رڳو" مان ئي " مان" جي ٻولي آهي ڇڻ مان کان سواءِ ٻيو ڪو آهي ئي ڪـونہ سچل سائين تڏهن تہ چوي ٿو تہ:
"مئن" ماريا جڳ سارا " مئن" نہ ڪنهن نہ ماريا"
ان خـودي، آڪڙ ۽ اجائي رڏي انسان کي ارن مان ڪڍي ڇڏيو آهي افسوس جو اها" " مان" جنهن سڀني کي ماري وڌو آهي پر " مان" کي مارڻ وارو ڇڻ آهي ڪو نہ تڏهن تہ خود مهدي سرڪار وڏي واڪي ٻڌايو تہ:
مان" تہ منهنجو قوت، طلب ٻئي ڪنهن طعام جي ناهي"
فقير سائين فرمايو تہ اسان تہ مان (خـودي) کـي ڪائون ٿا اهڙو ٿا ڪائون ڇڻ اسان کي ٻي ڪنهن طعام جي طلب ئي ناهي سچ پچ تہ خودي کي ڪائڻو آهي تہ" مان مان" جو ورد ڇڏي تون هين تون جي تند تنوار ڪرڻي آهي، تڏهن تہ جانڻ چن درويش چيو تہ:
بندا بانور ڇوڪرين، تون پيدا منجهان گار،
ڇا منجهارئون ڇا ٿئين، پنهنجو پاڻ پچار،
پلن تون ڪئين پيٽ ۾، ڏس قادر جي ڪار،
ڪائين ٿو ڏنو ا لله جو، تنهنجو شڪر گذار،
هٺاءِ هستي هوڏ کي، تڪبر ڇڏي تار،
حياتي انسان جي، ڏهاڙائي چار،
جانڻ چن گذار، سدا نوڙت نياز سان.
ڪافي
"مان" نہ هجان شال " مون" نہ هجي،
تون هج مولا تون.
"مان" ۽ "مون" کي مارتون مولا،
سرڪار تنهنجي آهي بالاہي چان نہ کي هجي چون
"مان"۽ "مون" جن وٽ آئي،
ڪٽيل بازي تن هارائي
تن جون جايون ڏنيون سين سجون.
" جانڻ چن" تنهنجا ڳڻ ٿو ڳائي،
پاڻ کي ڪڏهن ڪين پڏائي
سدا وحدت منجهہ وڃون
اها خـودي هادي شهنشاهہ جي ڏسيل ذڪر (سباڻ) سان ختم ٿيندي، جيڪا طالب جو ڪڏهن بہ ڪير ڪرڻ نہ ڏيندي.
حق موجود

# "تصوف خدا تائين رسائي جو نالو آهي"

**ادريس عاجز عباسي**

حقيقت ۾ انسان فطرت جو هڪ ڪامل جوهر آهي تنهنڪري سندس مٽيرائپ ۽ عظمت به ان ۾ ئي آهي ته هو پاڻ کي سچائي حقيقي معنيٰ ۾ انسان بڻجي فطرت جي گهرجن جو پورائو ڪري انسان ۾ انساني گڻن جو هجڻ ئي سندس مٽيرائپ ۽ مهانتا جو دليل آهي جڏهن انسان حقيقي معنيٰ ۾ هڪ انسان بڻجي ويندو ته پوءِ هو اعليٰ اخلاقي معيارن جو پاسدار بڻجي ويندو ۽ ان لائق ٿي ويندو جو ڪيس خدائي ويجهڙائپ نصيب ٿيندي. ان ويجهڙائپ کي ممڪن بڻائڻ ۾ تصوف جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو جو ته تصوف ان راهه جو نالو آهي جنهن تي هلي هڪ ماڻهو خدا تائين رسائي حاصل ڪري ٿو. هونءَ به تصوف جو بنيادي مقصد حقيقت تائين پهچڻ لاءِ عملي ۽ فلسفياڻي طريقت جي وضاحت ڪرڻ آهي بين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي ته تصوف هڪ اهڙي هلت آهي جنهن کي اختيار ڪري انسان مٽني خواهشن ۽ ڪمزورين کان پاڻ کي آجو ڪري ٿو جيڪي ڪيس فطرت جي دائري کان ٻاهر ڌڪي ٿيون ڇڏين. اها هلت هلڻ سان انسان منجهه پاڪائي ۽ پوترتائي پيدا ٿئي ٿي ۽ اهڙي طرح نه رڳو ڪيس روحاني سڪون حاصل ٿئي ٿو پر هو پاڻ کي هڪ اهڙي دنيا جي لائق بنائي وٺي ٿو جيڪا ڏاڍي خوبصورت ۽ دلڪش آهي.

تصوف جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته انسان غلطين ۽ خواهشن کان پاسيرو ٿي وڃي ٿو ۽ منجهس فرشتن جهڙيون خوبيون نروار ٿيڻ لڳن ٿيون نتيجي ۾ ڪيس هڪ ڪامل انسان جي حيثيت ملي وڃي ٿي ۽ اها حيثيت سندس مان ۽ مرتبي جو تعين مقرر ڪري ٿي پوءِ شعوري طور تي هر ماڻهو ساڻس محبت ڪرڻ لڳي ٿو.سچ پچ ته محبت ئي دنيا کي پائيچاري ۽ سهپ جو ڳڙهه بڻائڻ جو واحد طريقو آهي ان محبت جي پيچري جي پانڌيئڙن کي صوفيءَ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. صوفي خدا جي واٽ جو اهو مسافر آهي جيڪو ان محبت جي راهه تي هلندي ان جي پاڪائي ۽ روحاني سرشاري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي.ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته انساني روح جو پنهنجي اصل (خدا) سان ملڻ جو شوق ئي تصوف آهي. اهو شوق ڪيئن پيدا ٿيو؟ ان جو جواب هي آهي ته جيڪڏهن تون مونسان محبت ڪندي ته پوءِ آءٌ به تونسان محبت ڪندس ته ان کي پڪ ٿي وئي ته اها شيءِ جنهن کي آءٌ روح چوان ٿو سو اصل ۾ خدا کان جدا ناهي بلڪ پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان خدا سان مليل آهي جيڪڏهن خدا ۽ منهنجي روح ۾ حقيقت جي لحاظ کان ڪا علحدگي هجي ها ته خدا مونکي پنهنجي ذات سان محبت جو حڪم نه ڏئي ها. اهڙي طرح معلوم ٿيو ته روح خدا وٽان آيو آهي تنهڪري هڪ انسان لاءِ لازم آهي ته هو پنهنجي روح کي پاڪ ۽ صاف رکي ته جيئن سندس شخصيت ۾ خدائي وصفون شامل ٿي وڃن ۽ نتيجي ۾ هو دل جي اکين سان حقيقي مالڪ جو ديدار ڪري سگهي.

الله ؑ پاڪ جي محبت جو انسان تي پهريون اثر

اهو مرتب ٿئي ٿو تہ سندس زندگيءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي وڃي ٿي، يعني هو ڪامل خدا پرست ۽ انسان دوست ٿي وڃي ٿو. ٻيو اثر اهو ٿئي ٿو جو انسان هر وقت اهو محسوس ڪري ٿو تہ مان خدا جي اڳيان آهيان ۽ هو مونکي ڏسي رهيو آهي تنهڪري هو ڪابہ اهڙي ڳالهہ يا ڪم نٿو ڪري جيڪو ڪيس خدا کان پري ڪري سگهي.

اسان جي سنڌ کي صوفين سڳورن جي ڌرتي هجڻ جو شرف حاصل آهي. سنڌ جا صوفي وڏي احترام ۽ ادب لائق ۽ ڪامل درويش هئا جن انسانن آڏو سچي، سادي ۽ ايمانداري واري زندگي، جو سڀ کان اعليٰ نمونو پيش ڪيو. سندن رهڻي ڪهڻي جسماني ۽ نفسياتي خواهشن ۽ آسائشن کان بلڪل آجي هئي اهي پنهنجي ايمان ۽ عقل ۾ ايترا تہ وچڙا هئا جو اهو ممڪن ئي نہ هيو تہ ڪين قديم فلسفين، عيسائي درويشن ۽ هندو فقيرن جو پوئلڳ سڏي سگهجي.

تصوف کي شروعاتي ڏورر ۾ سنهو، جي اندر جو علم، شين جي حقيقت ۽ وجود جي رازن جو علم سڏيو ويندو هو ۽ هڪ صوفي ان علم جو شاگرد هوندو هيو ۽ سندس مقصد ان راهہ تي هلندي ڪائناتي ۽ ڪامل انسان بڻجڻ هوندو هيو. هڪ ڪامل انسان بڻجڻ تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن انسان پنهنجي "مان" کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ ڳڏو ڳڏ الله جي مخلوق کي سکيو ۽ خوش رکڻ پنهنجو مقصد بڻائي ڇڏيندو. خلق جي خدمت جيتري قدر صورتون ممڪن آهي. صوفياءِ ڪرام انهن مڙني تي عمل ڪري ڏيکاريو آهي، انهن جون زندگيون الله جي مخلوق لاءِ وقف ٿي ويون هيون. انهن صوفين لکين انسانن کي شيطان جي چنبي مان ڪڍي خدا پاڪ ۽ انسان دوستي، جي ڏڳ تي آندو. يعني انهن جي زندگيءَ کي با مقصد بڻائي ڇڏيو. تاريخ شاهد آهي تہ اهو ڪم نہ عالمن کان ٿي سگهيو نہ متڪلمين کان نہ معتزلہ کان نہ ڏاهن کان ۽ نہ ئي فقيهن کان. اهو ڪم جيڪڏهن ٿي سگهيو تہ انهن نيڪ هستين کان جن کي صوفياءِ ڪرام چيو وڃي ٿو ۽ جن جو نالو اڄ بہ لکين ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ عقيدت ۽ محبت جا جذبا پيدا ڪري ٿو. لطيف سائين تڏهن ئي تہ چيو آهي تہ:

صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
نهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ کي.
"شاهہ"



محترم جانب علي فقير اوٺو ويراڳ پڙهي رهيو آهي ۽ طبلي تي سخاوت علي ميراثي ساٿ ڏئي رهيو آهي

حق موجود    الله طالب فقير جو    سدا موجود

سلام پاڪ مهدي مولا ۽ مرشد سمر علي جهانيہ

# صوفيءَ جو رستو حق جو رستو آهي

لکندڙ: فقير غلام حيدر ملاح

صدر ڪراچي هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن

ابن عربي سائين جن جو فرمان تہ

" يہ بلكل حق ہے كہ دنيا خواب و خيال ہے
زندگی خواب، موت بیداری ہے، اور آدمی
ان دونوں کے درمیان چلتا پھرتا خیال ہے"

هن ڪائنات جي نظام ۾ جيڪي ڪجهہ هلي ٿو ۽ وهي واپر ٿو اهو سڀ حقيقت جي هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿو. ڏسجي تہ حقيقت آهي ڇا؟ جنهن ۾ سچ جو مڪمل رنگ پريل هجي، ان کي حقيقت چئبو آهي.

هن سڄي ڪائنات ۾ سچ ۽ حقيقت جو مڪمل رنگ هڪ ئي انسان ۾ نظر آيو آهي، جنهن کي صوفي سڏيو ويو آهي.

صوفي، جو نالو آهي حق ۽ سچ جو، پيار ۽ محبت جو. صوفي دنيا جي ڪوڙي نفرتن، ذات پات جي غلامي ۽ مذهبن ۽ فرقن کي الوداع چئي هيڪڙائپ جو پيغام ڏنو.

صوفي هڪ واحد انسان آهي، جنهن ۾ صورت جي سچائپ ۽ ان سان هيڪڙائپ جي درس شامل آهي. صوفين جو رستو ئي رسول خدا جو رستو آهي. جيئن الله سائين قرآن ۾ فرمائي ٿو.

اللّٰہ جَمِیل وَیحُبَ الجَمالُ (العمران)

"الله خوبصورت آهي ۽ خوبصورتي کي پسند ڪري ٿو" خوبصورتيءَ جو مقصد صاف ظاهر آهي "صورت" جنهن وٽ صورت جي سچائپ نہ آهي، ان وٽ حقيقت ۾ خدا جي سچائپ نہ هوندي آهي. جيڪي ماڻهو مذهبن جي دائري ۾ بند هوندا آهن، اهي هر وقت حسابن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا آهن.

هي سڄي ڪائنات صوفين جي ڪائنات آهي، جيئن ابن عربي، منصور حلاج، صوفي شاهہ عنايت، ڪبير ڀڳت، گرو نانڪ، سچل سرمست، لطيف سرڪار، جلال الدين رومي سرڪار، بلي شاهہ، پاڪ فقير مهدي سائين جهانيان، مرشد پاڪ فقير مخدوم صادق سمر علي جهانيان سرڪار، هي اهي صوفي آهن، جن هميشہ هر انسان اهو چاهي ڪهڙي بہ مذهب جو هجي، سيني کي حق ڄاڻي، سچ کي سمجهڻ ۽ ان تي قائم رهڻ جي هدايت ڪندا رهيا ۽ ڪري رهيا آهن.

اڄ جي ظالم ۽ دجالي دور ۾ جڏهن تہ ڪو بہ ڪنهن جو نہ آهي. رشتن جي سچائپ باقي نہ بچي آهي. هر ماڻهو پنهنجي مفاد ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. حڪومتن تي قابض ماڻهو يزيديت ۽ معاويہ جي جهنڊي جي پوئواري ڪري رهيا هجن. غريب عوام انصاف لاءِ رڙيون ڪندو رهي، غربت جهڙي لا علاج بيماري ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون جڏهن اڻ لڀ هجن ۽ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مارڻ ۾ ترجيح ڏين ۽ پوءِ انهن سيني جهالت جي رسمن کي ٽوڙي مفاد پرست ماڻهن کي ڏڙ ڪان ڌار ڪري، غريب، مسڪين، نادار ۽ محتاج ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجا قدم اڳتي وڌائي ۽ پنهنجي سر جو خوف بہ نہ ڪري تہ پوءِ ان کي

ان کي ڇا چئجي، بلڪل ان هستيءَ کي "صوفي" چئجي
جيئن رسول پاڪ جي حديث آهي

**"الفقر لا يحتاج"**

**"فقير ڪنهن جو محتاج نہ آهي"**

هي جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، حقيقت ۾ سهڻي حضرت انسان جي ڪمن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لکيو آهي.سائين جن جو رستو الله پاڪ جي ڪلام جي تصديق ۽ رسول خدا جي رستي جي پوئيواريءَ جو ثبوت ڏئي ٿو.

مان پنهنجي چوڏهن سالن جي عرصي ۾ جيڪو مان سهڻي پاڪ هستيءَ سمر سائين سان گذاريو آهي ۽ سائين پنهنجي عنايت سان قيامت کان پوءِ بہ رهندو.

جيڪو مون ڏٺو سو هن ريت آهي، غريبن جي مدد ڪرڻ، انهن جي نياڻين جي پنهجي هٿان شادي ڪرائڻ، انهن جي لاءِ اسڪول ٺهرائڻ ۽ انهن کي هلڪا ڦلڪا جهڳا ٺهرائي ڏيڻ، فيصلو هميشہ عدل جو ڪرڻ، ٻن ڌرين کي پاڻ ۾ ناهڻ ۽ ٻيا هزار نيڪيءَ جا ڪم ڪرڻ هن پاڪ هستيءَ جي ماتحت اچن ٿا. ان رستي کي هميشہ قائم رکڻ لاءِ هڪ تنظيم ٺاهي جنهن جو نالو رکيو.

**" هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن"**

جيئن دنيا جون وڏيون وڏيون قومون، تنظيمون قائم ڪري، وڏا وڏا فنڊ جمع ڪري هڪ ٻئي کي ترقي وٺرائيندا آهن.

تيئن هن پاڪ هستي،تنظيم جي شروعات پنهنجي طالبن کان وٺي شروع ڪئي ۽ سيني کي پنهنجي تنظيم ۾ منظم ڪيو آهي ۽ ڪنهن تي ڪو زور نہ آهي، جنهن کي جيترو سري سگهي اهو هن تنظيم جي مدد ڪري ٿو ۽ ان مدد سان هن تنظيم ڪوڙ سارا ڪم جهڙوڪ اسڪول ٺهرائي ڏيڻ، مفت طبي ڪيمپيون قائم ڪرڻ، مفت ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون وغيره ڏيڻ ۽ من تنظيم جو مقصد صرف پنهنجي طالبن جي مدد ڪرڻ نہ آهي پر هر ان ماڻهوءَ جو جيڪو محتاج ۽ لاچار آهي، هن تنظيم جي ماتحت ڪيترن بيروزگار ماڻهن بنا ڪنهن رشوت جي نوڪريون حاصل ڪيون آهن تقريبا **100**کان مٿي ماڻهو نوڪري وٺي چڪا آهن.

سهڻي پاڪ هستيءَ جي شفقت سان ۽ فقرائن جي اڻ ٿڪ محنت سان ۽ اهي ماڻهوجيڪي خدا ترس ۽ انسان پرست آهن انهن جي تعاون سان هيءَ تنظيم نہ صرف سنڌ ۾ پر پوري پاڪستان ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائڻ لاءِ ڪوشان آهي.

جنهن هستيءَ هي سچو بار پنهنجو پاڻ تي کنيو آهي، اهي پاڪ فقير مرشد مخدوم صادق سمر علي جهانيان سرڪار آهن. سهڻي سائينءَ جن جو واضع فرمان آهي

**"ٻين لاءِ جيئڻ ئي اصل زندگي آهي"**

**"جيئن رسول خدا جو فرمان الله جو فرمان آهي"**

**"تيئن فقير جو فرمان الله جو فرمان آهي"**

سو اهو بلڪل حق آهي تہ

"فقير راضي الله راضي،
فقير جي محبت الله جي محبت"

اهو چوڻ برحق هوندو آهي هن ڪائنات جي هر سلجهيل ماڻهن لاءِ "جو ڪيڙي سو کائي"

سدا سلامت رهو.

# "دم سان سرت لڳاءِ"

نياز علي منگنيجو
پڙتو واهڻ

هي مٿي ڏنل مضمون ٽڪون پنهنجي مرشد فقير معراج علي رضا جهانيه جي ڪافيءَ مان ورتو آهي. جنهن ۾ مرشد مولا معراج مولا علي رضا جن سلوڪيت جي وادي ۾ سفر ڪندڙ ڪي هدايت طور اهي الفاظ مبارڪ استعمال ڪيا آهن. دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ ڪيڏو نه خوب چيو آهي ته جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين....! چوڻ جو مقصد ته ڪيترائي انبياء، امام ۽ اوليائي الله عالم ارواح مان عالم ناسوت ۾ آيا ۽ پنهنجن پنهنجن زبانن ۾ پيار، امن، شانتي حق سچ، هيڪڙائي، ربوبيت، روحانيت ۽ هادي ٿي هدايت جو پيغام يعني حق جو هو ڪو ڏيندا رهيا اهڙي طرح منهنجا مرشد پاڪ هي "دم سان سرت لڳاءِ" وارو پيغام به قرآن پاڪ وارو ساڳيو ٿي پيغام ٻڌائن ٿا. قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي ته "فذڪروني اذڪرڪم" يعني تون ياد ڪر مونکي، مان ياد ڪريان توکي.

زباني ذڪر ۾ ته پوري ڪائنات مگن لڳي پئي آهي پر زباني علم پڙهڻ ۽ دل سان پڙهڻ ۾ وڏو فرق آهي. دل سان ته اهو ئي پڙهي سگهي ٿو جيڪو هاديءَ ڪان هٿ وٺي. چو جو مرشد ڪان سواءِ ماڻهو چڻ ته انڌي جي مثل آهي. هتي خوش خير محمد فقيرجي هيءَ مصرع ڪافي آهي. ٻن مرشد بن راضي نه ملسي، توڙي طالب ڪاوي سوٽيپي دم جي وات سواءِ ڪامل مرشد جي هيو ڪتان به حاصل ڪانه ٿيندي. هنن لفظن مان ڳالهه بلڪل صاف آهي ته جنهن جو ڪو به مرشد نه آهي، انهيءَ جو شيطان مرشد آهي. سرڪار معراج علي رضا جو هي ڪلام طالب ڪي عجيب تلقين ٿو ڪري مالڪ سردار هڪ ئي ڪلام ۾ ساروئي سيرائين سمائي ڇڏيو آهي جيئن هڪ ڪوزي ۾ سمنڊ سمايل هجي معراج مولا جن مصري ۾ فرمائن ٿا.

**دم دمي ڏس دم ۾ دلبر، ديد دروني پاءِ**

هن مصرع ۾ ڏسون ٿا ته ڪيڏي نه هڪ جهڙائي آهي معراج علي رضا ۽ سندس مرشد خاتم الفقراءِ فقير مهدي مالڪن جي هنن الفاظن ۾ ته

ديد دروني پايون، هيو نه پايون.
جيڪي لڪيل قرآن ۾، جملي جهان ۾.

هاڻي ڏسجي ٿو ته دم ريءَ هيو سڀ ڪجهه بيڪار ۽ وقت اجايو ٿو گذري، الي سجاڳ ٿجي، پنهنجو قدر ڪجي، پر افسوس جو مورڪ انسان پوءِ به سمجهي ڪو نه ٿو. الله جا فقير درويش هوڪا ڏيندا ٿا وتن جيئن لطيف سرڪار ٿو چوي

ستا الي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري....!
ستن سوڀ نه آهي. جاڳندن ڪي جس آهي.

يعني همٿ سان هلڻ ۾ سوڀ، ويهڻ ۾ هار پوءِ اڳيان رڻ هجي يا جبل، مهراڻ هجي يا جهنگل ته به دهلجي بيهڻو ناهي، پر سر جو سانگو نه ڪري، اڳيان ڏوڪي پوڻو آهي ۽ پوءِ رڻ مان ڪتوري، جبل مان لعلون، مهراڻ جا موتي ۽ جهنگل مان ڦل ڦول هٿ ايندا. بحر ۾ گهرندڙن ڪي ماڻڪ ٿا ملن باقي ڪناري تي بيهندڙن ڪي ڪوڏ ۽ سپون. هي آدم دنيا جي ميدان ۾ عمل جو ٻج پوکڻ آيو آهي. اهو عمل ٻج پساهن جا هيرا ۽ ماڻڪ آهن.

هڪ دفعي فقير پاڪ مهدي پاڪ ڪان ڪنهن صاحب، شريعت سوال ڪيو تہ اوهان نماز نٿا پڙهون؟ پاڻ مالڪن فرمايو تہ قضا بہ ڪونہ ٿا ڪريون. هاڻي سمجهہ وارن لاءِ ڳالهہ صاف آهي تہ ظاهر وارا پنج وقت ۽ عاشق هر وقت ...! يعني عاشق جيڪي دم ڪڻي ٿو، اهي دم مالڪ جي نام سان سلهاڙيل هوندا آهن. يعني جو دم غافل سو دم ڪافر ڪنهن درويش پنهنجي مرشد صاحب، شريعت ڪان سوال ڪيو تہ اسين شرعي احڪام بہ سڀ ٿا ڪريون يعني روزو، نمازون، تهجد وغيره مگر اسان کا ڳالهہ ڇئون تا پوري نہ ٿي ٿئي. سوال ڳهرون تا قبول نہ ٿو پوي ۽ اهڙا بزرگ هستيون آهن جيڪي ظاهر وارا فرائض پورا نٿا ڪن مگر انهن وٽ جڳ جهڪيل آهي. جا ڳالهہ سا ٿيو ٿي پوي. ائين ڇو؟

صاحب، شريعت وراڻيو توهان ڪان پنجن وقتن وارو ڪم نٿو ٿئي پوءِ هر وقت وارن سان پيٽا ڇو ٿا ڪريو.

جيڪي مولا پاڪ جو نام ڪڻن ٿا. انهن جو مثال ائين آهي جو آوي ۾ ٿانءَ رکيل هجن ۽ آگ ڏيڻ سان پچي لال ٿيو وڃن. دم ڪاهڻ سان دل جي سياهي دور ٿئي ٿي ۽ دل آئيني وانگر صاف ٿيو پوي. اندر واريون اکيون کلي ٿيون پون. طالب قطري مان ڪل ٿي پوي ٿو. بس! پوءِ انهيءَ انسان جي زبان مالڪ جي زبان انهيءَ جو قدم يا ڪم مالڪ جو. انهيءَ جو هٿ مالڪ جو هٿ ٿيو پوي. جيئن ڪنهن انسان سان ڳڏ پاڇو هوندو آهي ليڪن آهي تہ هڪ ئي. هي بہ هن سان ائين ئي ٿيو پوي ٿو يعني؟ "پڙاڏو سو سڏ" ٿيو پوي. دم جي سهاري مالڪ جو ديدار پسجي ٿو هڪ وار جي وٿي وجهڻي نہ آهي. سواءِ سچي طالب جي ٻئي ڪي مجال نہ آهي جو منزل کي رسي. ڇو جو عام وٽ اها واٽ نہ آهي. اهو وند ۽ ورثو صادق طالب کي ڪامل مرشد ڪان عطا ٿئي ٿو. مگر طالب کي گهرجي تہ رشتا، ناتا، مذهب، فرقا فتنا، ساڙ حسد ڪينا، حرص جو سون، انائون ڇڏي ڪري حق جي هاديءَ جي ڪُيل فرمان مطابق زندگي بسر ڪري جهڙيءَ طرح فقير مهدي مالڪن فرمايو آهي تہ طلب طمع کي طالب ترڪن وحدت واري واهہ سان، ويساهہ سان.

هي ڪيل سڀ يقين، عقيدي ۽ ويساهہ جو آهي. بنا ويساهہ پڪ جي گمراهي، گهلي وڃي ٿي. هت گمراهيءَ مان مراد ويسر آهي. طالب کي دم دم پنهنجي مولا جو نام ڪمائڻو آهي قرآن پاڪ ۾ آهي تہ "ذڪر ڪيو پنهنجي مالڪ جو دم پنهنجي ۾ خون سان ۽ ڳجهو ۽ سواءِ آواز جي".

هڪ ٻي جاءِ تي قرآن پاڪ ۾ آهي تہ " ذڪر ڪيو الله جو بيٺڙ ۽ ويٺڙ ۽ پاسي ڀر.

ٻئي هنڌ الله تعالىٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ "ذڪر ڪيو مالڪ پنهنجي جو ويساري ۾"

هاڻي هن سان مراد تہ جن جو ذڪر ڪامل ٿيندو آهي تن جو سڀ ڪر دم الله جي نام سان ڪڇندو آهي. پوءِ اهي سجاڳي سوڙي ويساري ۾ مالڪ جو ذڪر ڪندا رهندا آهن. پوءِ چاهي ننڊ ۾ هجن يا جاڳ ۾ يا ڪا عام زماني جي ڳالهہ ڪندا هجن تڏهن بہ انهن جو دم پنهنجي دلدار ڪان خالي ڪين هوندو آهي.

يٽ ڏٺي، اهڙن ئي ڪامل انسانن لاءِ فرمايو

آهي ته

تن تسبيح سن مٺيو دل دنيو روحن.
تنهن جي طلب جنون وحدت سروڄن.
سي سنائي سونهن ته عبادت جن جي.

مولا جو نام ڪمائڻ آهي غفلت ۽ ويسر رکندو ته حيواني خصلتون پيدا ٿينديون جيڪڏهن اسم اعظم ڪم آندائين ته انسان ٿي پوندو. جيئن لوهه پارس سان گسندو ته سون ٿي پوندو مخدوم ٿيڻ لاءِ پهريان خادم ٿيڻو پوندو. مطلوب ٿيڻ لاءِ طالب ٿيڻو پوندو ڪٿي ڪروڙين قصا ڪجن پر ڳالهه گهمي ڦري وري دم تي اچي بيهندي جو ته دم رهبر به آهي ۽ راهه به آهي. دم هادي به ۽ هدايت به آهي. دم ملڪ به ۽ مالڪ به آهي. هي سارو جهان دم سان وابسط آهي دم نه هجي ته دنيا ئي نه هجي.

هڪ مصرع ۾ معراج مولا جن فرمائن ٿا ته

اکر الف جو اور اندر ۾ روحي رمز رلاءِ.

هتي مالڪ جو فرمان آهي پنهنجي مولا کي پنهنجي اندر ۾ ئي ذڪر يعني دم جي ذريعي مڪمل خيال سان يا ذڪر جيئن سچل سائين فرمائي ٿو.

هڪ ڏينهن مرشد ميون سٽ عشق دي پاڙهي

رسول پاڪ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو

"دم ڳڻيل آهن جيڪي دم مالڪ جي ذڪر کانسواءِ ٿا نڪرن اهي مئل آهن"

الف جو اکر ڏئي مرشد مالڪ عشق جي ميدان ۾ طالب کي پهچائي ٿو. هاڻي طالب تي دارومدار آهي ته هي ڇا ٿو ڪري؟

فرمايو ته هي بت پورا ٿيڻو آهي پوءِ واهي مري يا پڇي مري واهي مرندو ته سرهو ٿيندو ۽ پڇي مرندو ته بزدل ڪاتر پاڻ لکيو. هتي هيٺين مصرع ۾ منهنجا مالڪ معراج پاڪ فرمائن ٿا ته

وڃهن وارو واعدو وصلي صورت منجهه سا

مولا پاڪ جن فرمائن ٿا ته جيڪو واعدو واحد سان ازلي ڪري آيو آهين سو ياد ڪر. طالب ٿيڻ سان ئي اها مراد آهي ته وسريل ڳالهه مرشد ياد ڏياريندو آهي ته اسان مالڪ تون کي ياد ڪنداسين هتي ته هي ڳڻيو ڪان وڏيڪ رنگيائون ڏسي پلجي ديو آهي پر به مولا جي نام سان طالب سڃاڻي سگهي ٿو. مهدي مالڪ فرمائن ٿا

نقل ڪي وحي نام نفي ڪيو. اصل ٿيو اثبات

جيڪڏهن ڪثرت سان نام ڪمائيو ۽ منزل کي ضرور رسيو

هن مصرع ۾ مالڪ معراج علي رضا جن چون ٿا ته

ڪثرت وارا ڪوٽ پجي ڪل قلبي قرب ڪما

ڪثرت جي معنيٰ آهي گهڻائي. هي جيڪي رشتا ناتا، مٽ مائٽ، ذات پات، مذهب ملت، فرقا، اهي سڀ ڇڏي ڪري هڪ ئي مولا پاڪ جو نام وٺڻو آهي جنهن سان سڀ منزلون طئي ٿين ٿيون. قلبي قرب کانسواءِ بيون ڪل واٽون ڪوڙيون فريب، رياءُ ۽ ڏيکاءُ جون واٽون آهن

ايڪ نام سي ڪام ري پائي، اور سب ڪام جو ناري

فقير قطب علي جهانيه

هي مرشد ڪريم جي ڪريمي آهي جو اڻ ڳڻيا احسان ڪري هڪ هڪ لفظ سان پنهنجي نظر سان ڪريل

طالب کي سنڀالي ٿو. اهڙا هڪ ٿي مرشد واري صورت آهي جيڪا پاڪ صاف آهي. ان سان ٿي سچي محبت ڪرڻي آهي. ان صورت کي سيني ۾ سمائڻو آهي آخري مصرع ۾ منهنجا مرشد مولا فرمائن ٿا.

مسيحا مرشد معراج علي، مهدي من ملاءِ. مسيحا مرشد مولا اهڙو ته حڪيم آهي جو سڀ جيڪي به بيماريون آهن. مثلا ويسر، ننڊ، غفلت، ناداني، حوس خودي. هوڏ هستي ٻيهر هڪ ئي نظر سان دور ڪري ڇڏي ٿو. طالب کي فقط ويساهه جي ضرورت آهي جيئن فقير نظر علي لاکو پنهنجي مرشد مالڪ مهدي پاڪ ۾ ڪامل ويساهه رکندي چوي ٿو ته منهنجو مرشد منهنجا جسماني، روحاني نفساني يعني جيڪي به مصيبتون عقوبتون آهن انهن مان پار اڪاريندو.

ڪافي

مٺو سو مرسل مهدي مهندار ٿي آيو
هادي هر دو جهان هر دم حيدر هسوار ٿي آيو

اول آخر ظاهر باطن حاضر هر جاءِ تي حاضر
نرالي نينهن ۾ ناظر سنگ نروار ٿي آيو

نشاصبر ڪل نبين جو ٿي آيو اڳواڻ عالم ۾
ڪٽي بار برهه وارو بيشڪ بردار ٿي آيو

پهرڪ جو پاڪ پيرن ۾ پڌرو ٿي پشوازن سان
سراسر صاف صورت ۾ سمر سردار ٿي آيو

ولهن واهر واهه وسيلو آ ولاين والي وارث سو
ادائي عشق الفن ۾ عجب اظهار ٿي آيو

## جانب علي اوٺو

ٽلهه: ڪي پاڳارا، ڪي سوا ڪسيري جا سردار آهن.
مگر جهانيه جهان جا، پانديپ ۾ پڳدار آهن.

(1) لقب جهانيه جلال الدين کي، روضه اطهر مان مليو،
ڪيس پوءِ انهيءَ لقب سان، ساري دنيا سڃاتو،
بيشڪ هي انهيءَ لقب جا، حقي حقدار آهن،

(2) هي آل آهن، محمد رحمت العالمين جي،
شير خدا مولائي ڪائنات، امام العارفين جي،
اهي اظهاري الله جي، پنجتن جا ڪردار آهن.

(3) هتي نه مذهبن وارا مونجهارا، نه فرقن وارو فرق،
هنن جي ته درن جا، دربان آهن ملڪ،
جهانيه جا ننڍڙا معصوم، به مٺيادار آهن.

(4) بارنهن چوڏهن جو، هنن سان سچو پيار آهي،
جهانيه کان وڌ جڳ ۾. ڀلا ٻيو ڇا آهي؟
وفا سڪجي انهن کان، واهه وفادار آهن.

(5) "جانب" دل و جان سان تن جي نوڪري ڪجي قبول
ٿيندو رب راضي، رب جو سهڻو رسول،
هت هت جا حامي، اڙين جا آذار آهن.

فقير معراج علي رضا جهانيه جي روضي مبارڪ تي دوائن جو لڳل اسٽال ڪئمپ لاءِ موجود آهي.

# "هيڪڙائيءَ جي هل ۾ دئيءَ جا دوڪان

## همراز فقير منگنو
سوڀوديرو


تصوف ڇا آهي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ دنيا حيران ۽ پريشان آهي پر اهو سواءِ سچن فقيرن ۽ درويشن جي، ڪنهن کي سمجهه نه آيو آهي ته صوفي ازم (Sufiasm) جي حقيت ڇا آهي !!!

صوفي ازم هڪ سچو ۽ پاڪ مقصد وارو پروگرام آهي هزارها سالن کان وٺي تصوف جو ڏکهو سفر اجا تائين روان دوان ان لاءِ آهي ڇو ته ماضيءَ جي فقيرن ۽ درويشن جي روز مره زندگي گذارڻ جو نمونو ۽ عوام الناس سان محبتي انداز سان پيش اچڻ ۽ سندس جي سوانح حيات جو قدم قدم ڪنهن عبرتناڪ موجزه کان خالي نه آهي ماضيءَ جي ڪجهه فقيرن يا درويشن جهڙوڪ صوفي شاهه عنايت ، شاهه عبدالطيف ڀٽائي، سچل ،سرمست، بيدل سائين سيد شاهه عبدالحي نقشبندي سيد شاهه نصير سيد نول گهوٽ،فقير نواب ولي محمد لغاري، محمد فقير کنياڻ، محمد فقير ڦرڙو، محمد فقير هيسباڻي، فقير مهدي سائين جهانيان، فقير فولاد علي شر،فقير غلام حيدر شر، فقير خوش خير محمد سائين هيسباڻي، فقير در محمد هيسباڻي، فقير ٻيدل سائين، فقيرغمدل سائين، فقير جانڻ، فقيرمعراج علي ،رضا سائين جهانيان،فقير شير علي سائين جهانيان فقير طارق نجفي، فقير درياءَ خان دولهنو، رکيل سائين، چيزل سائين، داتا ولايت شاهه پنهنجي پنهنجي دور ۾ هڪ ٻئي سان ڪيئن پيش آيا . اهو سنڌ جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو.تاريخ گواهه آهي ته انهن سڀڻن فقيرن جي رهڻي ڪهڻي ڪيڏو نه هڪ پيار ۽ پريت ڀريو انداز رکندي هئي انهن سيني فقيرن جو پاڻ ۾ بنا ڪنهن دعوت ياڪوٺ جي هڪ ٻئيءَ ڏي سنگن جي صورت ۾ استقباليه هلي اچڻ ڪنهن اعليٰ تعريف کان گهٽ نه آهي. جيڪڏهن ماضيءَ جي ورقن کي غور ۽ فڪر سان اٿلائي ڏسبو ته ان دور جي فقيرن جيئن چيو تيئن ڪري ٻه ڏيکارين. ڪڏهن به ڪنهن درويش يا فقير ڪنهن تصوف جي سلسلي، مذهب يا رنگ نسل جي ڳالهه نه ڪئي سواءِ حق هيڪڙائيءَ جي ٻئي ڪا ٻولي نه ٻوليائون، جن جي گواهيءَ ۾ سندن ڪلام يا رسالا موجود آهن

. الانسان سري وانا سره، اهڙا ٻول ٻڌا ٿئي
خوش خير محمد ٻڌ خطبو، ساري خلق خدا اٿئي

افسوس! خبر ناهي اڄو ڪن صوفين کي ڇا ٿي ويو آهي.ملن ۽ مولوين تي تنقيد وارا شعرته ڏاڍا شوق سان ٻڌا ۽ پڙهيا وڃن ٿا پر ڪنهن به اڄوڪن گيڙوءَ ۾ لڪل ملن کي سچ چيو ٿي ناهي ته اهو اوهين ڇا ٿا ڪريو. صوفي ازم اهو ناهي جيڪو اوهين ڪري رهيا آهيو پر جيڪڏهن ڪنهن درويش يا صوفي ڪٺي پنهنجي گمراهه صوفين کي سچ چيو به آهي ته گهمائي ڦيرائي (يعني)اڻ سڌي طرح. عام طرح تي طالب توڙي مريد کي اها به تيڪ ڏني ويندي آهي ته تون کهڙو به آهين پر اسان جو آهين اسان توکي ڪڏهن به ڪين ڇڏينداسين بلڪ هت ته ڇا پر توکي محشر ۾ به



٣٠

ڪٽي ونداسين تون بلڪل نہ گهبراءِ اها حقيقت آهي تہ مرشد اهڙو ئي آهي جهڙي ٽيڪ ڏئي ٿو. محشر جي ميدان واري پڪ ڏيڻ تہ سچي هاديءَ جو ڪم آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي. پر اڄوڪن صوفين جي اهڙي قسم جي ڏبري هدايت ڪٿي ٿي عمل ڪري، طالب ڪي اها تہ پڪ ٿي تہ محشر تہ اڳئي آجو آهي باقي هت چڱا ڪم وري ڇا لاءِ ڪريان پوءِ ان جو مطلب اهو وڃي ٿو بيهي تہ "جيسا گرو ويسا چيلا" انهيءَ تصوف جي سموري نقصان جو رخ ٽن شخصيتن ڏانهن وڃي ٿو.

**(1) گادي نشين حضرات**

**(2) مريد يا طالب**

**(3) فقرائي ڳانا**

**(1)گادي نشين حضرات:** جڏهن ڪان لائقن جي ڪرسين تي اڻ لائق وينا تہ تصوف ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو جيڪا هيڪڙائي فقيرن پاتال ۾ پوڪي ڇڏي هئي انهي پوک جون پاڙون هنن پڳ پائي پاڙئون ئي پٽي ڇڏيون! خود پرستيءَ جي ڪوڙي تي چڙهي هيڪڙائيءَ جي هوڪي ڏيڻ ۾ افسوس هنن کي ذرو بہ خيال ناهي آيو. جنهن گاديءَ جي نرم گاديءَ تي ويهي هي آدم صورت ڪن پنهنجا پير چترائن ٿا. اها گادي تہ ان فقير جي آهي جنهن جو منشور ۽ مقصد صرف آدم صورت کي سجدو ڪرڻ هو نہ ڪي پاڻ کي سجود ڪرائڻ. هي گادي ڌڻي پاڻ تہ ڪنهن کي ڪونہ جهڪيا پر لڪين سهڻا سر پنهنجي جتيءَ هيٺيان ڏئي ڇڏيائون عبرت تہ ان ڳالهہ جي آهي تہ گادي ڌڻي پاڻ تہ ڪنهن جا طالب ڪو نہ بڻيا تہ گهر ويٺي ئي مرشد بڻجي ويا ان اسپيڊ واري پروموشن تہ عام سادن سيدن ماڻهن جا تہ ڪم ئي لاهي ڇڏيا. خاص ڪري اسان سنڌين جي اصل ڪان وٺي اها خاصيت رهي آهي تہ غيب تي ايمان آڻڻ ۾ ڏاڍا تڪڙا آهيون . گادي تي ويٺل وڏيري ڪي ساڳيو سر سمجهي پوڄڻ تہ اسان جو ثقافتي ورثو بڻجي چڪو آهي. انهيءَ ورثي کي ڇڏڻ لاءِ اسان بہ تيار ڪو نہ آهيون ۽ گادي ڌڻي وڏيري کي بہ اهو ئي گهرجي جيڪو اسين هن کي اڻ گهريو پيش ڪريون ٿا يا وري اڄوڪو گادي ڌڻي جيڪڏهن طالب ٿيو بہ هوندو تہ بجاءِ دم سان دل لائڻ جي دربار سان دل لائي بيٺو! تہ متان ٻيو نہ گاديءَ ٿي ويهي رهي انهيءَ ڪاڻ مان ڇو نہ اچو اجرو رهان، اجائي دم ڪمائي ڏوڙ تہ ناهي ٿيڻو طالبي ۽ مريدي ڏاڍي تيز اسپيڊ سان پيو وڏائيندو ڇڻ هن کي اڪيلي ويهڻ ۾ خوف ٿيندو هجي. ٻيو تہ اڄ ڪلهہ جا گادي ڌڻي سڄو سڄو ڏينهن پنهنجن مريدن ۽ طالبن کي پنهنجي وڏن جا ۽ پنهنجا معجزا پيا ٻڌائيندا ۽ ٻين فقيرن جي پيا گلا ڪندا تہ جيڪي آهي تہ هت اسان وٽ آهي ٻئي ڪل ملڪ ۾ ئي اوندهہ آهي مريد ۽ طالب بہ ڏيو پيا ٽرندا ۽ گهر موٽيو اچي اهي ڏاڙون هڻندا. شڪل وڏي سائينءَ وارا ٿي رنگ اٿس! بس ساڳو ٿي سر آهي اها تہ هنن ويچارن کي خبر ئي ناهي هوندي تہ هي ساڳيو سر نہ پر ساڳي سر جو سڄو گادي ڌڻي ٿي وڏڻ وارو آهي، اگر ساڳئي سر واري جو ساڳيو منشور نہ رهي تہ سواءِ قاتل تصوف جي هي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. هي هيڏو سارو نااهل ماڻهو اهل الله ڪيئن ٿو سڏجي، انهيءَ فڪر ڪندي مونکي سال لڳي ويا آهن. سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ

ڇا آهي ۽ ڇا ٿي رهيو آهي.

**(2) مريد ۽ طالب:** اهڙوڪن گادي نشين حضرات جا دلنشين طالب ۽ مريد ته سبحان الله نسورو نور لڳا پيا آهن ڪنهن به لولي يا لنگڙي تي هنن جي اک ئي نه ٿي ٻڏي، اهي وينا ڀاڪا پڙهندا ته جن سان سائين هجي ساڻ سي ڇو ڪڍن ڪنهنجي ڪاڻ، هي جوان به خاني خان لڳا پيا آهن خالي پيرين پوڻ تي زور هڻ ڇمڻ ۽ مالڪ سائين مالڪ سائين پيئي پوندي هنن سان وقتي گڏ ملڻ وارو ماڻهو ته هنن تان گهور پيو ويندو ائين پيو ويچارو سمجهندو ته سچو فيض سائين جن هنن کي ڏئي ڇڏيو آهي پاڻ اصل آجو لڳو پيو آهي، پر خبر تڏهن پوندي جڏهن مالڪ سائين مالڪ سائين ڪرڻ وارو انهيءَ مالڪ واري صورت ڪي يا ائين ڪٿي چوان ته ڪنهن حضرت انسان کي جڏهن ڏڪا ڏيندو آهي ۽ ان سان بي ادب ٿي ڳالهائيندو آهي ته انهيءَ محل اهو بي ادب طالب يا مريد ماڻهوءَ عيوض جانور جو ڏيک ڏيندو آهي. انهيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ اهو چوڻ گهرجي ته حال وارو ٿي ڪري بي حال نه ٿي ڪجهه شرم ڪر صوفي ته سجود جو قائل آهي، سختيءَ سان پيش اچڻ صوفيءَ کي نٿو سونهين، پر گاڏهاڪن ڪٿي ٿا ٻڌن گهڻا وري مريدپيءَ ۾ خوش هرهر ٺهڪ ڏئي پيا چوندا ته سڪ پلي آ بابا! طالبي ڏکي آ!! اهي مريد وري انڪل سان سائين کي پيا هلائيندا ۽ پنهنجا پيا ڪم وٺندا جڏهن ته تصوف جي ميدان ۾ خالي مريديءَ مان ڪو به عرق تيل ڪو نه ٿو نڪري تصوف جي اندر مختلف سلسلن جي جوڙجڪ به طالبن ۽ مريدن جي هٿرادو حرڪت آهي.

اصل حقيقت اها آهي ته صوفي ازم (Sufiasm) جو بنياد پاڻ سرڪار موليٰ علي عليه السلام جن کان شروع ٿئي ٿو ۽ ان کي ته ساري ڪائنات مڃينديي ته موليٰ جن جو سبق هڪ ئي قسم جو سبق آهي .ڪڏهن به مالڪن مختلف ٽولن، گروهن يا سلسلن جوڙڻ جو ڪنهن به طالب کي ڏس ڪو نه ڏنو. پاڻ ته هميشه ائين فرمايائون ته ڪڏهن ڪنهن گوري کي ڪاري تي فوقيت ناهي ۽ ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي فوقيت نه آهي پر اهڙوڪن صوفين ساري منشور کي ابتو ڪري پيش ڪيو. شروع ۾ ئي هيڪڙائيءَ واري سلسلي کي چٽن سلسلن ۾ تقسيم ڪيائون. هينئر چٽن منجهان سوين سلسله ٺهجي چڪا آهن ۽ سڀ جو سڀ سلسله هيڪڙائيءَ جو دهل به ڏوم ڏام سان وڄائيندا رهن ٿا. ڪجهه سلسلن جا نالا ڪڍڻ آءُ ضروري ٿو سمجهان. جهڙوڪ: نقشبندي، قادريءَ سهروردي، چشتي، حيدري، قلندري، عظيمي، عطاري ،قاسمي، جلالي، حسيني، حسني، سڪندريه شمسي، غوثيه وغيره. جيڪڏهن ڪو قادريءَ جو طالب يا مريد هوندو ته چشتيءَ جي طالب يا مريد کي ڪو نه مڃيندو، جيڪڏهن وري چشتي جو طالب يا مريد هوندو ته سهرورديءَ سان ويڙهه هوندس، جي سهرورديءَ جو طالب يا مريد هوندو ته نقشبنديءَ تي ناراض هوندو جي وري حيدري جو طالب مريد هوندو ته ڪنهن کي ئي ڪو نه مڃيندو اها بيئو ڏمال هڻندو ته منهنجو ته ڊائريڪٽ علي سائين سان رابطو آهي ٻين ايرن غيرن کي ڇو مڃيان. هوڏانهن سچا صوفي ته ائين فرمائن ٿا ته

حقيقت ۾ هڪ ئيو نوري ۽ ناري،
اهي ٻئي ائين آهن جڻ هڪڙي وڻ جي ٽاري.
حاذق هوشياري رکج انهيءَ رموز جي.

اڳين درويشن جا رنگ راز ڏسي اڄ ساري دنيا تصوف ڏانهن ڊوڙندي پئي اچي ۽ اڄوڪا صوفي وري دنيا ڏانهن ڊوڙندا پيا وڃن. اڳين صوفين دنيا کي ڏکاريو اڄوڪن پاڪر هنيس. اڳين صوفين دوئيءَ جي ديوار کي ٽوڙيو، اڄوڪن ورائي اوساري ڪيس .منهنجو هر گز اهو مقصد نہ آهي تہ ڪو ساري دنيا مان فقيري ختم ٿي چڪي آهي يا طالب ۽ مريد سڀ جو سڀ اهڙا ئي آهن جهڙا آءٌ بيان ڪري رهيو آهيان منهجو ارادو بلڪل اهو نہ آهي پر اڪثريت اهڙن صوفين، طالبن مريدن جي آهي ان ڪري ڪو نہ ڪو ناتو جوڙي لکي، رهيو آهيان ورنہ ماڻهو تہ نبين کان بہ ڪونہ سڌريا پر ڇا ڪريان تصوف منهنجي دل جي ڌڙڪن ٻڌجي چڪو آهي انهيءَ ڪري دل نہ پئي سهي جومنڙيون منڙيون معيارون لکي رهيو آهيان حقيقت ۾ اهيان تہ آءٌ بہ ائين جيئن بين لاءِ لکان ٿو پر لکان ان لاءِ ٿو تہ من ڪو مون جهڙو بہ مونسان گڏجي پئي تہ ٻئي ڇٽان ٻيائيءَ کي دور ڪري هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿي ڪا منزل ماڻيون.

(3) **فقرائي ڳالهہ:** سموري جهان جي چڙ ذاڪرن ۽ ملن مٿان انهيءَ لاءِ صرف نہ لهندي آهي تہ هو پئسن =/خاطر دين وڃائي ويٺا. ملان ۽ ذاڪر سواءِ في يعنيءَ پئسن جي ڪنهن مجلس يا ميلاد ۾ ڪونہ ايندا آهن انهيءَ لاءِ مجبورعوام گهرائيندو بہ اٿن ۽ دانهون بہ ڪندو آهي تہ ڇا ڪريان مڙئي ڏين سان هلڻو ٿو پوي باقي ڇڏيو ذاڪرن ۽ ملن ماري آهي ڏهہ، ڏهہ هزار وٺن ٿا غريب ماڻهو ڪاڏي وڃي نہ ڏي تہ اچن بہ ڪونہ ٿا. اهي پيو سور پٽيندو ۽ اڄوڪن صوفين جي بہ چڙ ذاڪرن ۽ ملن مٿان ڪين لهندي اها اڄوڪن صوفين کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪو گيڙو ۾ لڪل ملو يا ذاڪر ڪو اسان جي گروهہ ۾ بہ شامل ٿي چڪو آهي جيڪو صرف نہ اسان کي پر عالم تصوف کي نقصان ڏئي رهيو آهي. ايڏاهن ڪنهنجو بہ ڌيان ڪونهي ڪو آءٌ ڳالهہ ٿي ڳالهہ سان گهمي ڏٺو آهي جيڪي ڪجهہ بيان ڪريان ٿو سو منهنجو ذاتي مشاهدو آهي بيشڪ ملان ۽ ذاڪر غلط ڪري رهيا آهن پر صوفيءَ جي طالب کي تہ سڀ ڪا پهريائين درس ترڪ دنيا جو مليل آهي. ملان ۽ ذاڪر تي تہ معيار ئي ناهي جيئن وٽيس تيئن ڪري پر صوفي دنيا جو طالب هر گز ناهي هوندو فقيرن جي رسالن جو وجود صرف ان لاءِ ناهي تہ ڪو انهن درويشن جا ڪلام ڳائي صرف ۽ صرف پئسا ڪمائجن ، ذاڪرن ۽ ملن وانگر پنهنجو عمل اصل بہ نہ هجي مون اکين ڏٺو آهي تہ ساري رات گيڙو پائي صوفي ڳائڻا توحيد پيا ڳائيندا. جڻ ائين پيو لڳندو تہ حد لاحد کي هائي پيا ٿا اچن پر صبح ٿيندي ئي اهي ڳائڻ جا سنگ پئسن تي وڙهندي جڏهن اکيون ڏسن ٿيون تہ اهي ڳائڻا فقيري پوشاڪ ۾ سواءِ هڪ حرصي بيمار جي ٻيو ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ناهن ايندا. جڏهن تہ تصوف جو نظريو آهي تہ اهي درويشي ڪلام ناهيا نہ آهن پر اهو فقيرن تي الهام ٿيندو آهي يعني الله فقيرن جي اندر ۾ پاڻ شاعر ٿجي شاعري ڪندو آهي ۽

مسلمانن جي عقيدي ۾ الله جو ڳالهائڻ قرآن ٻڌجي وڃي ٿو ۽ قرآن ۾ وضاحت سان بار بار آگاهه ڪيو ويو آهي تہ لالچ حرص ۽ حسد ڪان پري رهو پر قرآن جا پڙهندڙ ٿي ان حرص ۽ لالچ جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن تہ عام ماڻهو ڪري ڇا. ڪنهن ملان يا مولوي ڪان گهڙي سواءِ پڙهڻ لاءِ تسبيح يا مصلو گهربو تہ وڏي چاهه ۽ ادب سان ڏيندو ۽ ائين پيو پيش ڪندو ڄڻ هُن جي تسبيح پڙهڻ سان ڪو هن کي فائدو ٿيندو هجي پر جيڪڏهن ڪنهن صوفي ڳائڻي يا وڄائڻي ڪان ڪو ساز هيو ڪو ڳائڻو گهڙي سوا لاءِ گهرندو تہ ڪاٽي ڪنڌ تي اچي ويندس اصل ڪو نہ ڏيندس جيڪڏهن ڏنائينس تہ بہ ٻيڇڙو ڪري پوءِ ٿي ڏيندس اهي پيو دهمان ڪندس يار جيڪڏهن گهران نڪرولا تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا ساز تہ ڪٿي نڪرو اسان هي ساز پنهنجي لئہ ڪٿي آيا آهيون يا توهان لئہ. پر اڳئين کي بہ لالچ هوندي ڳاريون ٻڌي بہ وٺندس. ٻن ڪلامن جي جاءِ تي ٽيون زوري ڇئي ويندو جي وارو لڳس تہ چولين چوڻ لاءِ بہ وس ڪندو. اصل جهلڻ سان بہ ڪو نہ مڙندو. ماڻهن کي وٺي نہ وٺي هن کي ٻڌائڻ تي زورا مطلب وڃي اهو ٿيو تہ ملو. ذاڪر ۽ فقرائي ڳائڻي ۾ ڪو بہ فرق ناهي اهي هڪ ٿي مرض جا مريض آهن.

ظاهر گيدو ڪنڌ ۾. باطن مال ميڙو
حرس جي هڏي تي. لڙيل آهي ليڙو
پاسيرو ٿي پڙڪان. لڙي ويو ليڙو
همرازاڪين ٽيڙو. ڪڏهن پسندوڪين ڪي.

ڪنهن سالڪ جو چوڻ آهي تہ جڏهن روحانيت ختم ٿي ويندي تہ گادين. درگاهن ۽ مٺخانن ۾ مذهب ڪاهي پوندو. جن درگاهن تي محبت پريم ۽ حق هيڪڙائي جو درس هلندو هو. انهن ساڳين جاين تي اڄ فرقي واريت جي بوءِ ٿي اچي. اهوڪن صوفين فقيري کي فنا ڪري پيريءَ کي پيدا ڪرڻ جو شوق وڏي ڌام ڌوم سان رچائي ڇڏيو آهي.

الله اڪبر......... اڄ سيني صوفين کي اهو هٿ ٻڌي عرض ٿو ڪريان تہ ڇا اهو تصوف آهي جيڪو اسان هينئر ڏسي رهيا آهيون. خالي روپ فقيري ڪرڻ سان فقيري حاصل ڪو نہ ٿي ٿئي. فقيري حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي نہ پائڻ واري فهم جي ضرورت آهي نہ تہ پوءِ سرڪار جاڻي جمال سائين جن جي شعر وانگر تہ

صوفي لئين تہ سوڌ ٿي، تون ٻوٽو ٻيائي جو پٽ
رڳو پڏائين پاڻ کي، ٿو ٻين کي پائين گهٽ
ونخن اقرب ويجهڙو ٿئي، واحد هر ڪنهن وٽ
جاڻي جمال اکيون تہ. اندر جو پٽ
الٿي جت ڪٽ. ڏيرو دوست جو

ايم. پي. اي. نعيم احمد ڪرل صاحب مسٽر جان محمد کهڙو سان گڏ ميڊيڪل ڪئمپ جو افتتاح ڪندي.

# "سدا سمر ساڻ"

استاد قلندر بخش ميرائي
ايم.اي. ايم. ايڊ.

آءُ سيد الفقراءِ سرڪار فقير سمر علي سائين جهانيه مخدوم جن سان محبت رکڻ وارو ادنيٰ، ڪم فهم ۽ گهٽ علم رکڻ وارو سائين جو خادم آهيان.

لک لک ڪروڙين قرب تنهنجا قربدار پائيان
ناهي تعريف ڪڻ جي، توڙي سمنڊ مس بڻايان.

آءُ فقير سرڪار سمر عليءَ سائين جن بابت جيڪڏهن لکڻ چاهيان ته ڪجهه فهمي هجڻ باوجود ڪيئي ڪتاب لکي سگهان پر هتي آءُ سرڪار سمر عليءَ سائين ن جي شفقت، محبت ۽ ڪجهه گڏ گذاريل ڪچهري بابت ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان چو ته اهي سڀ ڳالهيون موڻ اکين سان ڏٺيون آهن سائن جو پهريون ديدار شاهاڻين جي ڳوٺ ۾ واقع هڪ مئخاني ۾ مون ڪيو ان وقت منهنجي عمر 10 يا 12 سال هئي ۽ مظهر ميمڻ ماڊل اسڪول صوپوديرو ڪلڻ لاءِ ابتدائي مرحلي ۾ هو ۽ منهنجو بابا مرحوم استاد گلشير علي جيڪو معراج علي سائين جن جو طالب هو ۽ طريقت جي نالي گلشن علي سرڪار جن سان گڏ سير ڪندو هو. آءُ استاد قربان علي ميمڻ مرحوم جي چوڻ تي بابا ڏانهن نياپو ڪٽي آيس ته اچي اسڪول جوائن ڪري مون ڪي بابا جن سرڪار جن جي قدم بوسي ڪرڻ سان سرڪار جن مون کي 10 روپيه خرچي ڏني ۽ شفقت پريا هٿ مبارڪ منهنجي جي منهن تي ڦيريا مون ايترو ته پاڻ کي پرسڪون محسوس ڪيو. جو هن محل تائين سندن شفقت جا هٿ مون تي قائم دائم آهن ۽ پنهنجو يقين ڪامل آهي ته اها عنايت سدا ساڻ آهي، بابا مرحوم استاد گلشير علي گهر ۾ جڏهن به ڪچهري ڪندا هئا ته ذڪر معراج علي سائين جو سمر علي سائين جو ۽ جهانيه خاندان جي قربداري ۽ ڪرم نوازي جو هوندو هو ۽ اهو سلسلو هلندو اچي ۽ جيسين ساهه سرير ۾ آهي ته پيو هلندو. سرڪار جن هڪ ڏينهن صبح جو سوير آيا مون کي ڪاليج جي فيس لاءِ 400/روپيه گهربل هئا مسڪيني لڏي هجڻ ڪري بابا وٽ ڪو نه هئا ۽ وٺي هليا سائين ڏي ۽ سائين حال احوال کان پوءِ مون کي چيو اسان وٽ 400/ روپيه آهن ۽ اهي منهنجي مسئلي لاءِ ڪافي هئا.

اهو ڪرم فقط مونسان ئي نه پر سائين جي شفقت جا اهڙا ڪوڙ مثال ملن ٿا. اهو ئي انداز شفيقانا سائين جو سيني کي ائين چوڻ تي مجبور ڪندو آهي ته سائين سندن سڀ کان وڌيڪ مهربان آهن.

هڪ دفعي صبح جو بابا جي ڪم سان سائين ڏي آيس ته درگاهه تي ڪجهه درويش هڪ ماڻهوءَ کي ڪٽيندا گهليندا سندن آڏو وٺي آيا ۽ چيائون ته سرڪار هي الائي ڪير آهي؟ جيڪو درگاهه جي پرسان واقع کنهن پير تان پڙ ۽ قرآن پاڪ چورائي رهيو هو. اسان هن کي توهان وٽ وٺي آيا آهيون پر فقير سمر علي سرڪار جن انهن کي وڙهڻ کان سختي سان منع ڪئي، پاڻي گهرائي ان کي پيارايائون. تنگرنان ڪرائي پوءِ حال احوال ورتو. جنهن کان پوءِ ان ماڻهوءَ اردو زبان ۾ ڳالهائي چيو ته آءُ پنجاب صوبي جي ليه شهر سان واسطو رکان ٿو هتي پئسه نکري وڃڻ جي صورت ۾

پڻکي پڻکي پھتو آهيان پريشانيءَ سبب مون اها غلطي ڪئي سرڪار جن ان کي ان مهل تازو توانو ڪري ڪرائي جا پئسا ڏئي روانو ڪيو سرڪار جن جي اها انداز مسيحا ئي ايتري دل کي وڻي جو وسري ئي نه ٿي. سرڪار فقير سمر علي سائين جن جي ڇانو اسان جي مٿان هردم قائم دائم آهي ۽ رهندي. اسان جي وڏي خوش نصيبي اها آهي جو سندس صحبت واري راهه بابا سائينءَ ڏيڪاري ۽ سرڪار جن جي اعليٰ نظر پاڪ ۽ سنڀال هيٺ اهو سفر روان دوان آهي.

سائين جن جي شفقت اسان تي اسڪول کان وٺي نوڪريءَ تائين يڪسان رهي آهي. سندن ئي ڪرم آهي جو اڄ نوڪري ڪري رهيا آهيون. 1995ع ۾ سرڪار جن هڪ خط ڏنو جيڪو استاد ڇٽل ملاح (جيڪو ٽيچرس يونين ۾ هوندو هو) ۽ سيد غلام مصطفيٰ سائين جهانيه مخدوم جن لاءِ نياپو پڻ ڏنو ۽ چيائون ته فقير پاڪ ڪندو توهان کي نوڪري ملي ويندي ۽ سرڪار غلام مصطفيٰ سائينءَ جي نياپي کي ايترو مان ڏنو جو استاد ڇٽل کان وڏي ڪوشش کان پوءِ پرائمري استاد جي ڪوٽا وارو حق ڏنو. جهانيان خاندان ايترو ته پيار ۽ عزت بخشي جو سندن ڏنل قرب لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي. ان کان علاوه سرڪار سمر علي سائين ڏانهن جنهن به ڪم لاءِ ويس ڪڏهن به خالي نه موٽيس ۽ ڪڏهن به سرڪار جن جي قرب ۽ ڀاڄه ۾ ڪمي ڪونه محسوس ڪئي آءٌ تعلقه صوبيديرو شهر سان واسطو رکان ٿو ۽ آءٌ پنهنجي علائقي ۾ "سمر علي سائين جو ماڻهو" سان گهڻو سڃاتو ويندو آهيان جنهن کي آءٌ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهان ٿو. هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جو مونکي جڏهن تعلقه صوبيديرو جو صدر ڪرائڻ لاءِ سوبيديري ۾ سرڪار منور سائين "من سائين" جي بنگلي ۾ جيڪي سائين منهنجي لاءِ لفظ چيا سي سدائين دل تي ڇٽيل ۽ اپريل اکرن وانگر عيان آهن."

پاڻ چيائون ته" اسان استاد قلندر بخش جا سدائين ٻانهن ٻيلي آهيون" پلا ان کان وڏي خوشنصيبي ڪا ٻي جو فقير پاڪ سمر علي سائين جنهن جا ٻانهن ٻيلي هجن ۽ رهبر هجن ۽ اهو ٻڌاڪون نه هلندو وتي. دراصل هي لفظ سمورا جيڪي به مونکان لکجي ويا آهن. اهي در حقيقت دل جي اٿاهه گهراين سان ۽ سمورو قصو پنهنجي اکين سان ڏسي سائين جي ڀاڄه شفقت، نظر پاڪ کي پرجهي، پرکي ۽ پوءِ دل جي حضور سان سري عام اعلان ٿو ڪريان ته اسان سان سدا سمر ساڻ آهي زندگي گذارڻ لاءِ سيني کي سمر گهربل آهي. اڄو ته سمر ساڻ ڪري پنهنجو جيون منور بڻايون.

سدا سمر ساڻ آ، جن سان،
مهدي محمد جو آ پيار تن سان،
قلندر ڪندا جي، يقين يار تي،
اڄي ٽيندو حيدر حامي، انهن سان.



**محبت علي ڀيلار**
صدر ضلع خيرپور
هادي مهدي سوشل ويلفيئر
ايسوسيئيشن

# تنظيمي ۽ مرڪزي عهديدارن جو تعارف

هن تنظيم جو نالو:

**هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن.**

هن تنظيم جا مقصد هي هوندا.

(1) روزگار ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ

(2) ڪاروبار لاءِ قرض ڏيڻ

(3) فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳرائڻ

(4) ترقياتي ڪمن لاءِ جاکوڙڻ

(5) بلڊ بئنڪ قائم ڪرڻ. مريضن جي مالي سهائتا ڪرڻ . دوائون وغيره ڏيڻ.

(6) نوان ڪتاب ڇپرائڻ ۽ لئبرريون قائم ڪرڻ.

(7) ٻارڙن جي تعليم. تربيت جو بندوبست ڪرڻ . اسڪالرشپون. وظيفا ڏيڻ ۽ مالي مدد ڪرڻ ۽ ان کان علاوه وقت جي نوعيت کي نظر ۾ رکندي هي تنظيم سڀني سماجي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهندي.

**هن تنظيم جا وسائل هن طرح هوندا.**

(1) هن تنظيم کي ميمبرن جي فيءَ سان هلايو ويندو.

(2) خوشحال پئسي وارن ماڻهن کان سهڪار پڻ ورتو ويندو.

(3) يونين ڪائونسل. تعلقه يا ضلع جي حڪومت پڻ مدد ورتي ويندي.

(4) مختلف ماڻهن. ماهرن جيئن ڊاڪٽرن وڪيلن استادن وغيره کان پڻ مفت ۾ خدمتون ورتيون وينديون.

**هن تنظيم جي جنرل باڊي جي جوڙ جڪ**

(1) سرپرست اعليٰ سيد مقصود علي جهانيه

(2) سرپرست فقير سمر علي مخدوم جهانيه

(3) تا حيات ميمبر محمد الياس مرڪنڊ

(4) عام رڪن ذڪر علي لاکو

(5) اعزازي رڪن استاد ارباب علي تنيه

(6) سهڪاري رڪن پير منور علي "منور الحق"

**ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي جوڙ جڪ هن طرح هوندي.**

(1) چيئرمين استاد خادم حسين عباسي

(2) وائس چيئرمين مخدوم شمس الحق جهانيه

(3) جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان کهڙو

(4) نائب سيڪريٽري محب علي عرف مهندار علي

(5) رابط سيڪريٽري مير ارشد حسين ٽالپر

(6) خزانچي وحيد علي عرف واجب علي مرڪنڊ

(7) پريس سيڪريٽري نذير احمد عرف نياز علي راڄپر

هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي باڊيءَ جي تشڪيل هن طرح ڪئي وئي آهي.

(1) مرڪزي باڊي: هن باڊيءَ ۾ نوان عهدا مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي هن ريت آهن.

(1) سرپرست اعليٰ (2) سرپرست (3) چيئرمين (4) وائس چيئرمين (5) جنرل سيڪريٽري (6) جوائنٽ سيڪريٽري (7) رابط سيڪريٽري (8) پريس سيڪريٽري (9) فنانس سيڪريٽري

سرپرست اعليٰ: هن عهدي لاءِ مخدوم سيد مقصود علي جهانيه جيڪي سيد علي عرف شير علي جهانيه جا وڏا فرزند آهن شير علي جهانيه. جهانيه

خاندان جا پڳدار رهيا آهن. هن وقت پڳ جو تاج مقصود علي جهانيه جن تي آهي. پاڻ فقير پاڪ مهدي مالڪ جا طالب پڻ آهن. انتهائي مانيٽي ۽ نهٺائي طبيعت جا مالڪ آهن. مالڪ کين سهڻي سيرت ۽ صورت عطا ڪئي آهي. هميشه سماجي سرگرمين لاءِ ڪوشان نظر با آهن. پاڻ بهترين شاعر پڻ آهن سندن شعر نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

(1) ڇاير سرتي مهٽا. ڪيڏير لوڪ جي ڪاڻ
سي مون سڀ سهٽا. توکو هيارل ڪاڻ
منزل مقصود ماڻ. غافل ٿچ نه ڪا گهڙي.

(2) ڪجهه ته خوابن جي خيالن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر
قرب ڪان ڏور. ستارن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر
ڇو ٿو ڇيڙي وڌ. مقصود ساڳي غزل
سڪل گلاب ڪتابن ۾ رهڻ ڏيندو ڪر

(3) ڏاڍو ڏيهه ڏکيو ٿيو. جيڏيون جيئڻ ڪاڻ
جيڏيون جيئڻ ڪاڻ. سرتيون جيئڻ ڪاڻ
معرفت ملڪ مهديءَ جو. منزل مقصود ماڻ

(2) سرپرست: هن عهدي تي فقير سمر علي جهانيه جيڪي فقيرمعراج علي رضا مخدوم جهانيه ٻيو نمبر فرزند آهن. پاڻ فقير پاڪ مهدي مولا جي آخري يعني پنجون نمبر ٽول جا طالب آهن سندن تعليم ۽ تربيت به مالڪ مرشد مهدي پاڪ جن جي طرفان ٿي. هن ايسوسيئيشن جا پاڻ وجود وجهندڙ آهن سالن جو پاڻ سڃاڻ وارو سفر طئي ڪري صورت ڪي سيڪجهه سمجهي. پڻ ۽ انهن صورتن جي اٽل ارادي کين هن تنظيم جو وجود وجهرايو سندن سوين ٻالڪا پڻ آهن .61 سالن جي عمر ۾ فيض بحر واهه ڪپ تي هي لنگ بند دعائون، دوائون، ديدار درشن، دلداريون، دلق، دم ڪٽڻ جا درس ورهائي رهيا آهن.پاڻ صابر، سخي، سهڻي سيرت صورت، صادق، سپورنج، سالڪ، صفي صاف ،صفاري طبيت جا مالڪ آهن.اڪثر خاموشيءَ ۾ گذارڻ، سڄي رات محفل سماءَ ٻڌڻ، حڪمت ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ، فيصلا ڪرڻ ماڻهن ڪي خونريزي جهيڙن کان بچائڻ. غرباءَ کي گهر نهرائي ڏيڻ، نياڻن لاءِ ڏاج ڏاوڻ ڏيڻ فقراءَ جي ڪم اچڻ ترقياتي ڪم ڪرائڻ. پوليس جي معاملات کان ٻچيل رکڻ، نهيل ڪافين ۾ فقراءَ جا ڪاڏا پيتا، لٽا ڪپڙا، انهن جي گهرن جا خرچ، دوائون درمل، انهن جي رهائش لاءِ جايون نهرائڻ مطلب ته اصغري هجي يا اڪبري ڪم مالڪن ۾ سڀ سهڻيون سٺيون صفات موجود آهن. هي سڀ ڪجهه مرشد مهدي مالڪ جي نقش قدم جو نتيجو آهي. پنهنجي مالڪن جي نقش قدم تي ڇو نه هلن جو مرشد پاڪ مهدي مالڪن جو فرمان هيو ته سمر علي کي نوڪري اسان ڏيارينداسون. پاڻ سچي خاندان ۾ وڏي عمر وارا آهن. پاڻ جهانيه وارن کان ڪافي دور گذاريائون مگر هاڻي شفقت ڀريو هٿ رکيو پيا اچن. سال ۾ ڪجهه ميڙن جو بندوبست پڻ ڪندا آهن.

(1) منصور علي فقير شاهاڻيءَ جو ميلو.
(2) معراج علي رضا مخدوم جهانيه جو ميلو
(3) مظهر علي فقير جو ميلو
(4) سندن سالگره
(5) سندن هجرت جو ڏينهن پڻ ملهائيا ويندا آهن.

ٿيهي، ڪانسواءِ ڪيترن ٻين جاين تي فقراءِ طرفان سجايل ميڙن ۾ شموليت ڪندا آهن. اڪثر سڪ وارن جي دعوتن ۽ شادين مرادين خوشين ۽ غمين شرڪت ڪندا آهن.

روزانو الائي ڪيترو ڦل ڦروٽ، مٺايون، سوڪڙيون پاڪڙيون، تحفا، ڏڳا ڏور، مال متاع، هار اچن ٿا ۽ ورهائجيو به وڃن ٿا.

مٺيان سڀ ڪم انفرادي طور ٿيندا هئا مگر هاڻي پاڻ ان ڪي اجتماعي شڪل ڏيڻ لاءِ تنظيم جو وجود وڌو اٿن. اسين عهدن تي ڪم ڪرڻ وارا اهو سندن احسان ٿا سمجهون جو چڱي ڪم جي دعوت ڏئي پاڻ سان ٻانهن ٻيلي ڪيو اٿن. ورنه پاڻ ته ڪائڻ پيئڻ ذاتي ڪم ڪاريون. سچو ڏينهن ستو رهڻ يعني حيواني صفحات ۾ شامل هئاسين. هي سندن ئي محبت جو اثر آهي جو صفات انسان ذات جي خدمت لاءِ اسان کي اتساهيو اٿن.

هن وقت هن تنظيم جي معرفت ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار سان لڳايو ويو آهي ، ڪيترائي نوان اسڪول کوليا ويا آهن. ڪافي ماڻهن کي روزگار يا ٻين ڪمن ڪارين لاءِ قرض ڏنا ويا آهن. روڊ رستا ٺهرايا ويا آهن. سئي گئس منظور ڪرايون ويون آهن. لئبرري ۽ آفيس مقرر ڪئي وئي آهي. نوان ڪتاب تيار ڪرايا ويا آهن. هي رسالو به انهيءَ جي ڪڙي آهي. بجلي جا نوان ٽرانسفارمر لڳائي ڳوٺن کي بجلي ڏياري وئي آهي. هڪ وڏي جنرل فري ڪئمپ لڳرائي وئي آهي ۽ هر آچر تي ڳوٺ يار محمد مرڪنڊ ۾ مفت طبي ڪلينڪ قائم ڪئي وئي آهي. ڪيترن ئي درويشن سهوليت مطابق بدلي ڪري رڪرايو ويو آهي. ڪي نوڪرين تان هٽايل بحال ڪرايا ويا آهن. هن تنظيم جي ويب سائيٽ پڻ کولي وئي آهي جنهن جي ايڊريس آهي.

ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر وغيره تنظيم لاءِ خريد ڪيا ويا آهن. 16 گلم تنظيم لاءِ خريد ڪيا ويا آهن. سڀني عهديدارن ۽ ميبرن جا ڪارڊ ٺهرايا ويا آهن.

**(3) چيئرمين استاد خادم عباسي:**

استاد خادم عباسي پاڻ پرائمري استاد ڪان هاءِ اسڪول تائين ڊيوٽي ڪري 2009 ۾ رٽائرمينٽ ڪيائون.

شهر اگڙا جي پرسان ڳوٺ فقير جو ڳوٺ جا رهائشي آهن. پاڻ سچل سرمست جي ٻالڪي فقير نانڪ يوسف جي گاديءَ سان وابسطه آهن. نانڪ يوسف جي ميڙي جو اهتمام ڪندا آهن. ويراڳ جا وڏا شائق آهن.

تصوف جي تقريرن جا سٺا مقرر پڻ آهن قرآن پاڪ، حديثون، مقولا، چوڻيون، پهاڪا سنڌي گرامر عربي فارسي، هندي، سنڌي، مولانا رومي جي مثنوي بيدل، حافظ شيرازي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب سندن سيني ۾ سميٽيل اهن. ڪين سچل جو حافظ سڏيو وڃي ٿو سندن تمام جلد مقالن جو ڪتاب تيار ٿيڻ وارو آهي ۽ سو ڪتاب نوشهري وارن بزرگن جون ٻيون فيض واريون ڪڏيون پڻ تياري هيٺ آهي. پاڻ محفل سماع يعني راڳ ۾ وجد واري ڪيفيت ۾ اچي نچندا ۽ ڪُڏندا ٻن آهن. اڪثر مهدي پاڪ جو ڪچهرين ۾ مثالن سان ذڪر ڪندا آهن. سمر علي مخدوم جهانيه سان وڏي عقيدت ۽ سڪ محبت رکندڙ آهن ائين ڪٿي

چڻجي تہ ايترو ٿي قرب ڪيئن سردار ڪان مليو اٿن جو هڪ مقناطيسي محبت ڪري ويجهڙا ٿي ويا آهن. هن تنظيم ۾ ڪردار سندن ريڙهہ جي هڏي جي مثل آهي. پاڻ مفيد مشورن سان نوازيندا آهن. هن دنيا ۾ ديني دنياوي معلومات حوالي سان هيو ڪو سندن جهڙو ڏاهو يا ڪو مڻ ڪو نہ آهي. ڪچهري ۾ اڪثر فارسي بيت ترجمي سان ٻڌائيندا آهن. پيالي پاٽيءَ جا پڻ شائق آهن. تنظيم جا سڀ ڪم ڪاريون سندن صلاح سان ٿيندا آهن. خاص ڪري نوان ڪتاب تيار ڪرائڻ لاءِ گهڻو زور ڀريندا آهن. تنظيم لاءِ سندن صلاحون مشورا امر آهن. ڊاڪٽر نواز علي وٽ استاد الهہ ورايو کهڙو M.A سنڌي لاءِ ويندو هو. هڪ دفعي ڊاڪٽر نواز علي کيس چيو تہ اڄ ڪانپوءِ بس استاد خادم عباسي وٽ رهبري لاءِ ويندو ڪر. هاڻي انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ استاد خادم حسين کهڙي پائيءَ جو ڏاهو آهي.

(4) وائيس چيئرمين: مخدوم حق علي جهانيہ پاڻ فقير معراج علي رضا جهانيہ جا پوٽا ۽ مخدوم هادي بخش جهانيہ جا ٽيون نمبر فرزند آهن. پاڻ انگريزيءَ ۾ ايم.اي پاس آهن. وڏو ڳوٺ شاهاڻين جي پرسان دروازي تي سندن رهائش آهي. لٽريچر جا ماڻهو آهن. انهيءَ ڪري علم ادب نظم، نثر ڪان نہ فقط واقف آهن پر لکي بہ ڄاڻن ٿا. هن وقت پاڻ سي.ايس.ايس جي امتحان جي تياري پڻ ڪري رهيا آهن. نوجوان آهن انهيءَ ڪري اڳتي هلي پروگرام سنڀالڻ ۾ ڪردار جي وڏيڪ اميد رکي سگهجي ٿي. هن وقت بہ چڱي نموني سان پاڻ ملهايو ٿا اچن.

(5)جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان کهڙو پاڻ ڳوٺ زوار نواب جا رهاڪو هينئر جادو واهڻ ۾ رهائش ڪئي اٿن جتي سندن برائيٽ فيوچر نالي هڪ ٻهاءِ اسڪول پڻ هلندڙ آهي. تنظيمي ڪمن ۾ فقراءَ جا ٻانهن ٻيلي آهن. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گمبٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيا آهن. سندن ڏاڏو ۽ والد فقير پاڪ مهدي جا طالب هئا.

(6) جوائنٽ سيڪريٽري:
محب علي عرف فقيرمهندارعلي ملاح پاڻ گمبٽ شهر جا رهائشي آهن. گمبٽ ۾ بوائز پرائمري اسڪول پرائمري استاد جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. دستر خاني جا وڏا سخي آهن.فقيرسمر علي سرڪار جا طالب آهن. اڪثر ڪري سمر پاڪ جو لنگر گهران تيار ڪرائي ايندا يا موڪليندا آهن. وٽن ڪو طالب درويش مان ويندو آهي تہ انهيءَ جي وڏي خدمت ڪندا آهن.ڪيس منائيءَ جا بہ دڪان بہ گمبٽ ۾ اٿن جيڪي فقراءَ جي خدمت ۾ سندن سهارو ٿيندا آهن. گمبٽ شهر جا اڪثر ڪم ڪاريون تنظيم هجن يا ٻيا فقراءَ جا هن درويش جي حوالي هوندا آهن. ڪجهہ ٿڌي طبيعت جا ضرور آهن پر "دير آيو درست آيو."

(7)رابطہ سيڪريٽري مير ارشد حسين ٽالپر پاڻ ڳوٺ مهر علي ٽالپر جا رهواسي آهن سندن والد صاحب جو نالو عبدالهادي ٽالپر آهي. پاڻ ايم. اي انگريزي آهن. وڪالت جي

شعبي سان وابسط آهن. يونين ڪائونسل جادو واهڻ
جا ناظم پڻ رهيا. انهيءَ ڪري هن صورت جي ڪري
جادوواهڻ ۾ فقراء جا ڪافي ڪم ٿيا. جنرل سيڪريٽري
ڪي ڪم ڪار سمجهائڻ ۾ به سندن ڪافي ڪردار
رهيو اٿن. هر سال فقير سمر علي جن جا دعوتي پڻ
آهن. هي دوست هڪ سٺو سماجي ڪارڪن پهريان ٿي
آهي. مگر هتي هن تنظيم ۾ وري سوني تي سهاڳو
طور ڪم اچي ٿو. ڪافي حد تائين پنهنجي ڪيسي جا
خرچ به تنظيم جي واڌاري لاءِ ڪندو آهي.

(8) پريس سيڪريٽري نيازعلي راڄپر
سندن ڳوٺ پنهنجو لڳ سيٽارجو
اسٽيشن فقير سمر علي سردارن جو
طالب آهي. پريس جي ڊيوٽي دل وجان
سان نڀائي رهيو آهي. انهيءَ کي پهريان به سندن سياسي
۽ سماجي تنظيمن سان رشتو رهيو آهي. پاڻ برجسته
دليل باز آهن. دليلن، روايتن ۽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾
ڳالهه ٻولهه ڪندا آهن: مالڪن سان ڪيئي سالن کان
سڪ جو سڳو سٽيل اٿن ۽ طالب به پراڻي وقت جا آهن
انهيءَ ڪري تجربي جي بنياد تي ڳالهائيندا آهن.

(9) واجب علي عرف وحيدعلي مرڪنڊ
هي درويش ڳوٺ يار محمد مرڪنڊ جو
آهي. فقير سمر علي پاڪ جو طالب
آهي جنهن جو شرعيؔ نالو واحدبخش
۽ طريقت ۾ سڏير علي هي نوجوان ويراڳ ڳائڻ جو فن
نه ڄاڻي ٿو. جانب علي اوٺي جو شاگرد آهي. هي فقير
اڪثر جوائنٽ سيڪريٽري وارا فرائض به سرانجام
ڏيندو آهي. مالڪ کيس سهڻي صورت سان گڏ سيرت
عطا ڪئي اٿس ذاتي تجربي مطابق سيني مرڪنڊن ۾
مونکي وڏيڪ سچو، سلجهيل، سلڇڻو سڀاجهو
لڳندو آهي. هن تنظيم جون ڪجهه ضلعن جون باڊيون
چونڊيون ويون ۽ رهيل ضلعن جون باڊيون بعد ۾
چونڊيون ويندو ۽ پوءِ تعلقه ۽ يونين ڪائونسل جو
باڊيون به چونڊيون وينديون. هر ضلع ۾ ست عهدا رکيا
ويا آهن. هتي فقط انهن جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري
لکجن ٿا. (1) ضلع شڪارپور، جيڪب

آباد ۽ جعفر آباد يعني اپر سنڌ
بلوچستان جي چونڊ 09-10-18 صدر

ولايت علي فقير منگٽيجو جنرل
سيڪريٽري نياز علي فقير جويو.
(2) ضلع نوشهرو ۽ نواب شاهه جي چونڊ 09-10-25
تي ٿي.
صدر فرهاد علي فقير اوڍ،
جنرل سيڪريٽري محمدابراهيم ميمڻ
(3) ضلع خيرپور جي چونڊ 09-11-01

تي ٿي. صدر محبت علي پيلار،
جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽربرڪت علي لاڪو
(4) ضلع حيدرآباد، دادو ۽ ڄامشورو

جي چونڊ 09-11-06 تي ٿي.
صدر علي حسن ملاح

جنرل سيڪريٽري لالا خليل الرحمٰن پٺاڻ
(5) ڪراچي جي چونڊ 09-11-18 تي ٿي.
صدرغلام حيدرملاح جنرل سيڪريٽري

علي شير لاڪو (6) سکر، گهوٽڪي صدر
پروفيسرخان محمد زنگيجو

(7) لاڙڪاڻو قمبر لاءِ صدر محمد سليم
چانڊيو. جنرل سيڪريٽري اخلاق علي هليو.

# پاڪ فقير شهنشاهه مولا

فقيرعارف علي بانگو

جناب مان واري استاد عبدالرحمن صاحب جن حڪم ڏنو تہ سرڪار مولا سمر پاڪ جن هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سهڪار سان رسالو تيار ڪرائن ٿا. جنهن ۾ فقراءَ تاثرات لکي ڏين تہ ڪتاب ۾ شامل ڪجن. هن جا مجال جو سرڪار پاڪ جي شان مان ۽ مرتبو لکي سگهي پر مون جيڪي گهڙيون سندن قدمن ۾ رهيس ۽ تاج محمد بانگي مان عارف علي فقير سڏيم. انهيءَ ڪان وڌيڪ جيڪو سبق ڏنو سچي زندگي جي خدمت ۾ هي سر گهور ڪري ڏجي تہ بہ هڪ ننڍڙي ۾ ننڍڙي شيءَ آهي.

منهنجو جهانيہ خاندان سان پهريائين ظاهري ڪو بہ ناتو نہ هيو. اسان جي ڳوٺ ٻيلهاڙو ۽ محمد واهڻ ۾ سرڪار پاڪ فقير مولا جن جا طالب ۽ سڪ وارا هئا بہ آهن بہ تن ۾ منهنجي ناني جي پيڻ صيل زال رکيل دائي وٽ قدم پري سا هنا پوءِ ڪلاڪ بہ ڪلاڪ هڪ دفعہ تہ سرڪار جن سڀ لٿي تائين موڙي ني ويا هن.

جڏهن بہ موڪي حد پوندي هئي بہ پچندو پچندو ويندو هيس ۽ سرڪار پاڪ جن سان فقراءَ جيئن فقير ارباب علي خاصخيلي. فقير منل حطار ۽ گلزار علي خاصخيلي جيڪي اسان جي ويجهو خاصخيلين جي ڳوٺ ۾ ويندا هئا ۽ موڪي بہ سڃاڻندا هئا اهي پيار ڏيندا هئا. منل سرڪار جن جي خدمت ۾ هوندو هئو باقي پيا پري وينا هوندا هئا. انهن سان گڏ ويهي مان بہ ديدار ڪندو هئس ائين هلندو رهيو. سرڪار پاڪ هن جي پيالي پيئڻ ڪانپوءِ سڀ درويش جيڪي سرڪار پاڪ جن سان گڏ هوندا هئا. اهي ويچارا پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن وري آيا. پوءِ روزانو محمد واهڻ ۾ سرڪار جن جو طالب سائين عنايت علي طالبيت جو نالو غازي هئو. انهيءَ جي ميخاني ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون. انهي ڪانپوءِ انهي سنگت سان گڏجي شاهپور جهانيہ ميلي تي بہ ويندا هئاسي ۽ دروازي جي ناڻي تي جتي سائين هادي بخش سائين جن بہ رهندا هئا ۽ سرڪار پاڪ جن بہ رهندا هئا ۽ سرڪار پاڪ جن جي حاويلي بہ هئي. انهي ميخاني ۾ منصور علي فقير شاهاڻي بہ دروازي جي ڊيوٽي ڪندا هئا. منصور فقير جو آواز ايترو تہ مٺو هئو جنهن جي تعريف هي بندو تہ نہ ڪري سگهندو. انهيءَ سان واقفيت ٿي پوءِ منصور فقير جو ويراڳ جمعي رات ٻڌڻ ويندا هئاسي، ائين زندگي پيا هلائيندا هئاسي. نيٺ وري فڪر تي مولا پاڪ جي مهرباني ٿي جو چند ڪان وڌيڪ روشن اپ تي اپريو هڪ فقراءَ چيو تہ اڄ سائين سمر پاڪ جي شمن فقير ملاح جي دعوت تي آهن هلو تہ ديدار ڪريون. اسان اتان هلياسي سرڪار جن جو سجدو ڪري فقراءَ جو سجود ڪيوسي بس دلڙي ڪسجي وئي. سمر پاڪ سان اهو بہ عشق جي پرواز جو وقت هئو.

نيٺ هن ناچيز تي مهرباني ٿي تہ بانگو پلين فقراءَ سان رهي، اجازت ملي ڊيوٽي ۾ لڳي ويس. انهي وقت سرڪار سمر پاڪ جن ماٺهن ڪان پري رهڻ پسند ڪندا هئا ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ راڳ جي محفل متل هوندي

هئي پر جيڪڏهن ڪو راڳي يعني ٻاهريون فقراءَ نہ هوندو هيو تہ سائين جن مونکي تانبورو هلائڻ سيکاريو هيو جيڪو وڄائيندو هئس. انهي بعد سرڪار جن کي عشق فقير جو آڙاهہ ٻريل هئو. جيڪو جسم جو ماس ڪائڻ لڳو. ننگر ۾ انهين پهر يعني منجهد جو فقط اڌ ماني جيڪا ٽانڊي تي سيڪي ڏبي هئي. جيڪي پاڻ واپرائيندا هئا. اهو حال ڏسي بورچي جو ڪم مان سنڀاليو سرڪار جن جهنگ ۾ جيئن نئين مڪان ۾ گهٽو رهڻ پسند ڪندا هئا يعني تنهائي سرڪار جن کي تمام پسند هوندي هئي.

مونکي ڊيوٽي سرڪار جن جي ڪرڻ ۾ ايڏو چين ايندو هيو جو چوندو هيس تہ چوويهہ ڪلاڪ جيڪر ڊيوٽي ڪيان. منجهند ۽ بجہ ننگر مان ڪڪنگ ۽ ٽي قسم ڀاڄي چانور تيار ڪيا .اهو انهي ڪري تہ هڪ هڪ چمچي ۽ ڪائيندا تہ بہ خوراڪ ملي ويندي. پر مونکي راضي ڪرڻ لاءِ چانورن کي چمچي سان متي ڪري ائين رکندا هئا. جيئن سائن سڀ شي مان ڪاڌو آهي. سائين منهنجا سندن ايتريون سرداريون هيون. جيڪڏهن لکان تہ هڪ ڪتاب ٿي ويندو. آخر ۾ ٻارنهن مهينن جو فاڪيو ڪانڙي ڳوٺ ۾ پاڻ خريد ڪري مٺخانو ناهيو. انهيءَ ۾ شروع ٿيو ڪابہ شيءِ نہ واپرائيندا هئا. ايتري قدر ڪير جو ڏڪ نہ فقط پاٽي ۽ فقر جو پيالو هڪ ڊيوٽي وارو هڪ ڳاٽڻوٻيا سڀ مردان شاهٽي جي اوطاق ۾ رهندا هئا. انهيءَ وقت هن ناچيز کي خدمت جو موقعو مليو. مطلب تہ ايتري قدر ڪمزور ٿي ويا جو جسم تي گوشت نظر نہ پيو اچي فقط هڏا ۽ کل ڪڏهن ٽيپهري جو ٻاهر اونڌي ڪٽ تي ٽيڪ ڏئي ويهندا هئا ۽ فقراءَ کي ديدار ڪرائيندا هئا. نيٺ چڙهيا نيٺ نانگا نظاري نظر تي اهو وقت آيو جو هڪ بجہ ڏارين مان ڊيوٽي ۾ وينو هجان مريد علي مرڪنڊ ڳائي پيو حڪم ڪيائون هن کي جلدي ٻاهر وٺي وڃ ۽ تون بہ ٻاهر وڃ مان مريد علي کي وٺي ٻاهر ويهي رهياسي پنج بجہ سڏ ڪيائون. انهي وقت اهو ڪلام چون پيا. اڄ سجڻ مون عيد ڪئي جڏهن يار جا ديدار ٿيا. اهو پورو ڪري مونکي چيائون ادا سياٽي ڪائيندا سي. جيڪي ڪارائي روز اسان سان جهيڙو ڪندو آهين پوءِ تہ اها روشني جيڪا لا مڪان تان آئي وڏندي وڏندي وجي لامڪان ڪان بہ اڳتي عرش مولا تي پهتي.

لامکان ہے مکان میرا، تیرے مکان سے میرا کیا ہوا۔

مونکي حڪم ٿيو اوهان معراج پاڪ علي رضا جا طالب ٿيو ۽ سندن ڪرم سان عارف علي نام مليو. مان تہ سمجهو سندن ڪرم سمجهان ٿو. جن ايترو فيض ڏنو.



فقير سمر علي مخدوم جهانيہ سان ايم پي اي نعيم احمد ڪرل صاحب فري ميڊيڪل ڪئمپ وقت ڪچهري ڪندي.

# مظهر علي فقير لاڪو

## پروفيسر عبدالرحمان کھڙو

مظھر علي فقير لاڪوءِ وڏا ڳوٺ لاڪا، تعلقه گمبٽ، ضلع خيرپور جو رهاڪو هو. سندن والد صاحب جو نالو عبدالخالق لاڪو هو. هي درويش فقير پاڪ مهدي مالڪن جي پيارن طالبن مان هڪ هو. سندس طالبيءَ جو نالو نور علي هو.

مظهر علي فقيرڪي ننڍي هوندي ئي سندن والد عبدالخالق ۾ چوندي وارن بزرگن وٽ مدرسي ۾ ديني تعليم جي درس لاءِ داخل ڪرايو. چون ٿا ته انهيءَ دور ۾ جڏهن هيءُ ننڍڙو مظهر علي ٻين طالب العلم سان گڏجي مدرسي لاءِ گهرن مان ننگر وڃڻ لاءِ ويندو هو ته رستي ۾ ننگر وارو ٿالهه ڍولڪ جي جاءِ تي وڄائي گنگنائيندو هو. انهيءَ وقت سندس گڏيل سنگتي ساٿي مظهر علي مٿان رنج ٿيندا هئا ۽ پنهنجي استادن کي چغلي ڪري ٻڌائي اهڙي عمل تي ڪيس سزا ڏياريندا هئا. سو مظهر علي اهڙي عمل تي سزائون به سر تي سٺائين ليڪن کو انگ ازلي اڙيل هو جو سزا جي باوجود به ساڳيو سرساز آلاپيندو رهيو. هي به کو اهڙو ئي ڪم هو پٽائي سرڪار جن جڏهن خواجه محمد زمان لنواري واري بزرگ وٽ پهتا ته طالبيءَ لاءِ عرض رکيائون. مگر پٽائي سرڪار کي انهيءَ ڪري طالب نه ڪيو ويو ته ساز سرود ۾ ڇڏڻ جو شرط رکيو ويو. مگر لطيف سرڪار انڪار ڪيو ۽ چيو ته راڳ منهنجي رڳن ۾ رت جيان شامل ٿي ويو آهي. ساڳيو ئي سلسلو مظهر علي سان سان به منسلڪ هو.

مدرسي جي تعليم کان پوءِ مظهر علي فقير پير سيد صالح محمد شاه راڻيپوري واري سان اچي رهيو مگر،

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويئي....!

هڪ دفعي ڪنهن محفل ۾ مظهر علي کي مهدي پاڪ مولا جي محبت اهڙي ته نصيب ٿي جو چڻ مچيءَ کي ڪلين ۾ ڪنڊي پئجي وئي. هي درويش پير سيد صالح محمد شاه کي الوداع چئي وڃي هميشه لاءِ پنهنجي هادي پاڪ مهدي مولا جن سان سنگ ۾ شامل ٿيو. فقير پاڪ مهدي مولا جن سان سنگ ۾ شامل ٿيو. فقير پاڪ مهدي مولا جن فرمايو ته اسان طالبن جا پنج ٽول ماٿيا. سمجهه ۾ ائين ٿو اچي ته هي درويش فقير پاڪ جن سان ٻئي ٽول ۾ اچي رليو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو ته ڪي مختلف فرقي وارا ماڻهو فقير پاڪ مهدي مالڪ سان سوال جواب ڪرڻ لاءِ ايندا هئا ته پهريائين مظهر علي وڃي منهن پوندو هو ۽ چوندو هو ته پهريان اسان مان ته جان ڇڏايو ۽ پوءِ وڃي منهنجي مالڪن سان سوال جواب ڪريو.

مظهر علي فقيرهڪ وڏي پائي جو صوفي درويش هو. سندس شاعري دم مان منصوري دم واري هم اوستي جي پذرائي ۽ پذيرائي ٿئي ٿي. جيئن هڪ ڪافي جي ٿلهه ۾ فرمايو اٿس ته:

ٿلهه: سيڏا حضرت آدم نالا،
سيڏا بخت بهادي بالا،
ڏوجا نالا هي رب تعاليٰ.

هڪ ٻي جاءِ تي وري، درويش هن ريت چئوي ٿو ته:

ٿلهه: لڳو آ عشق آدم کي، ڪيائين الله کي پيدا

ظهور و ذات حق حق جو. ڪلام الله پوءِ پيدا. ڪنهن جاءِ تي وري مظهر هن ريت بہ چيو آهي.

تلهہ: الله کي الله تي ڳولهہ. الله ريءَ الله جي.

الله نہ لڀندئـي. ڪل فنا في الله.

مظهر علي فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ هم اوستي جي حال ۾ من خدايم جي منصوري دم جي ڳالهہ هن طرح بہ ڪئي آهي.

مصرع: من خدائي موج سان. مظهر مچي منصور ٿي.

منصفي ميزان تي. مشتاق بنجي ويو.

مظهر علي فقير بہ ٻين وانگر مجازي محبت جي وهنڊ واديءَ مان وهتل ٿو نظر جي. ٻڌائن ٿا تہ ڪائائي ڊنڊ جي ڪپ تي حياتان نالي هڪ ملاحڻ جي محبت جي ڄار ۾ ڦاٿل هو. انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪشن لال ديوان پنهنجي شعر ۾ ڪئي آهي. جيڪو گمبٽ شهر ۾ دڪاندار هو. جتان مظهر سيڌو سامان ڪٽندو هو ۽ ڪشن جي فقير ڏي ڪجهہ رقم رهجي وئي پوءِ هن پنهنجي شعر ۾ چيو.

مزا مائي مظهر علي. قرض ملي نہ ڪشن کي مظهر علي کي بہ ڪي اهڙيون محبت جون ميحون لڳل ٿيون پائجن جو چوي ٿو تہ:

عشق محبت جي مجازي. مرد ڪيئي ماري ڇڏيا.

ڪي مست مجذوب. ڪي ڳٽيءَ ڳجهيءَ ڳاري ڇڏيا.

هن ڪلام ۾ تہ مظهر علي حد ڪري ڇڏي آهي جو سيني مجاز جي موهيلن قيس. ليلا. رانجهن. سسئي. پنهون. يوسف. زليخان. صنعان. سهڻي. ميهار. شيرين. فرهاد جو هڪ ئي ڪلام ۾ تذڪرو اهڙو ڪيو اٿس. مظهر علي هن ڪلام ۾ منظر ڪشي بہ اهڙي تہ ڪئي آهي جو ڄڻ انهن جاين تي وٽي هلي بيهاري ڏيکاري رهيو هجي تہ هن جاءِ هيئن ٿي رهيو آهي. هڪ جاءِ تي مجازي محبت لاءِ هيئن بہ چيو اٿس تہ:

عشق محبت جي مجازي. ڪاڻ هئي ڪنهن سان وفا.

تورڙي ڪجي صدقو. سرار سر سمورو سو دفعا.

مظهر علي عشاقي شاعر درويش هو جو زماني جا شاعر تہ تڪتور. وزن. بحر. ڪافيہ. رديف. قائدن قانونن جي قيد ۾ قابو هوندو آهي. مگر اوشاقي شاعر اهڙين پابندين کان آزاد هوندا آهن. پر جي جاچي ڏسبو تہ سندن ڪلام مڙني اصولن جو مرڪز هوندو آهي. مظهر علي فقير کي بہ مالڪ طرفان لدني علم جي عنايت ٿيل هئي. عام شاعر سمنڊ کان ٻاهر بيهي سمنڊ جي اونهي سطح جي ڳالهہ ڪندو آهي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ عشاقي شاعر تہ سمنڊ جو غواصو ٿيندو آهي. جيڪو تہ هٿي هيرا لال. جواهر هٿ ڪندو آهي. يعني عشاقي شاعر حق اليقين جي واديءَ مان وهتل هوندو آهي. يعني اهڙن رندن جي قول فعل يا جوڻي. حرڪتيءَ ۾ فرق نہ هوندو آهي.

مظهر علي جو ڪجهہ آهي سو سڀ پنهنجي مرشد مهدي پاڪ جي ڪري ئي آهي. مٿس مالڪ جي نظر ۽ راضي رهيو جيئن سچي سائين چيو آهي تہ:

اهڙو هس ڪنهن کان سکئين. استاد ڏس کهڙو اٿئي.

مظهر علي پنهنجي استاد جي اظهاري هر ٻول ۾ طوطي جيان ٻوليندو هليو آهي. جيئن هڪ ڪلام ۾ هن طرح چئي ڏنائين تہ:

تلهہ: مهدي اهڙو منور. ٿيو آ نہ ٿيندو.

اهڙو صوفي سرور. ٿيو آ نہ ٿيندو.

مصرع: پنجن ۾ ٻارهن ۾، چوڏهن ۾ چوڌاري،
اهڙو رنـدي رهـبـر، ٿـيـو آ نـہ ٿيندو.
مظهر علي پنهنجي مطلوب مهدي پاڪ جي محبت ۾ سندن شهر کي بہ شاعري ۾ پرويو آهي. جيئن چـوي ٿو تہ:

شهر شاهہ پور ۾ شادي جو شغل ٿيو،
ٿـي بلـڪل بـهاري، تماشي طبل ٿيو.

هڪ ٻول ۾ تہ چٽو هن طرح چئي ڏنو اٿس تہ:
ٽلهہ: رهـنما رهبر نـگهدار تـون آن،
وسيلو ولهين جو، وفادار تون آن.
مصرع 1:مهدي مصطفيٰ ڪل نبين نبي آ،
قسـم آ الاهـي ذمـيوار تـون آن.
مهدي منجهہ محشر، شفادارتون آن.
هڪ شعر ۾ پنهنجي مـرشد جي ثنا هـن طرح ڪئي اٿس:
ٽلهہ: ڪيڏو شان پنجتن پاڪ، جو قرآن ٻنجي ويو،
جـبرائيل خاصن خاص ٿي، دربان ٻنجي ويو.
مصرع: مظـهر ۾ مشهور ٿيو، مهدي محمد مصطفيٰ،
سيني سچي صلوات چئي، شڪران ٻنجي ويو.
ڪٿي وري مظهر علي فقير هيئنئن بہ چيو آهي:
ٽلهہ: عـاشق ڪـر اعـتبار، اصلي مظهر علي ٿي.
مصرع: مظهر العائب مهدي پانئج، پائي حقيقي هار.
هڪ دفعي سندن مرشد مهدي پاڪ مظهر علي فقير تي ڪنهن ڳالهہ تي رنج ٿي پيا، مظهر علي فقير پنهنجي مرشدن کي ميڄائڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺان ڳچيءَ ۾ ڳـارا پائي، پـاڻ کي بـي حـال بنائي معافيءَ لاءِ ٿي آيو، تہ مهدي پاڪ ڪشفي نظر سان اڳواٽ ئـي ڏسي ورتو ۽ ڪجهہ ماڻهو موڪلي انهن کـي حـڪـم ڪـيـائون تہ مظهر علي کي حال وسيلا مٺرائي پوءِ اسـان وٽ وٺي اچو.
فقير مظهرعلي مذهبي ڪٽر پڻي کان پاڪ صاف هو. هـي درويش فرقيواريـت وارن فسادن کان بلـڪل پري هو. انهيءَ ڪري تہ مذهبي ڪٽرپڻي واري مـلان کي مخاطب ٿيندي، حقيقي رستي ڏيکارڻ جي ڪوشـش ڪندي چوي ٿو تہ:
ٽلهہ: مـلا ڪر تون معاف، مـن مدينہ مصحف منهنجو.
مصرع:مظهرساري جومالڪ مهدي، عالم ڪر انصاف.
قدرت ڪل آ ڪابينو منهنجو.
هـي درويش فـرقي واريت، ڦڏن، فسادن کان پري فڪر ۾ پاڪ صاف هو ۽ الانسان انا سره يا خلق ال آدم عليٰ صوتہ واري واٽ جـو پـانڌيـئـڙو هـو. تڏهن تہ ملان يا عالم کي حقيقي واٽ طرف وٺي هلڻ يـا سمجهائڻ جي مٿئين ڪلام ۾ ڳالهہ ڪئي اٿس.
هڪ ڪلام ۾ ڪنهـن وقـت وارن جي مـنـظـر ڪـشي ڪندي انهيءَ وقت وارن لاءِ سڌو سنئون چئي ٿـو ڏئي تہ:

ڪيئن ڪماندر قائدو ڪوليو، هئڻ هستيءَ سان،
لچا لـوسـي لفنگ لوفـر، حالت ٿي آتن سان.

مظهر علي فـقـيـر خـانـداني طور صاف سنڌي زبان ڳالهائيندڙ هو مگر پنهنجي پـنـهـنـجي شـاعريءَ ۾ ڪافي جاين تي سرائڪي زبان ۾ بہ ڪـافـيـون ڪـلام چيا اٿس جيئن:

ڪهڻ والي نـون ايڪا ٿوڪـا، سڻ والي نون پائي،
ساري ٻال گنوال انهاندي ڳئي، جنهان هوند هڙ وڃائي.

هڪ ٻئي ڪلام ۾ وري هن طرح چيائين ته:

دم دي حال، ڪيتا خيال، ويکيا ناز نوراني،

نرم ناز رندي راض، قائم قول قرآني.

يا وري هڪ ٻول ۾ چوي ٿو ته:

ميڏا حضرت آدم نالا،

ميڏا بخت بهادر بالا،

ڏوجها نالا هي رب تعاليٰ

فقير مظهر علي جو جيئڻ ته ديني علم تي به ڪافي دسترس هو انهيءَ ڪري هن درويش پنهنجي ڪلام ۾ آيتون، حديثون ۽ مقولا وغيره به سهڻي نموني سان شاعري ۾ پويا آهن جيئن:

مصرع: "الانسان" الاير ويجهو و نحن اقرب ناهيمو

ڏوجها مير دا برقع پايم، مين سڀ شي ڪنون سولا

هتي هڪ ڪافي نموني طور ڏجي ٿي:

ٿلهه: پر پاڪ پيالو پيار جان، پڳدار پرين پروار،

صاحب سخا جا سيدا، سردار ساقي سروارا،

مصرع 1: وسقهم ڀريهم ڏي طالبن کي طهورا،

وارث وسيلا ولهين جا، ڏي راز روز رهبرا.

2: انا اعطيناڪ الڪوثر قائم قدم قدسن جا.

مالڪ مهيسي مصطفيٰ، مهدي مدامي منورا.

3: لولاڪ لما خلقت الا فلاڪ جا مالڪ

ڪيانءِ حال ڪجان، پال، مظهر سوال اٿئي انورا.

هڪ مصرع ۾ هن طرح فرمايو اٿس ته:

قل هوالله، احد الله، رسول الله ٿي اڪبر

برب الناس، ملڪ الناس، الہ ناس ٿي انور.

الحاق ٿي لولاڪ بن اوشاق ٿي پرور،

الانسان سرہ سبحان ٿي فرمان فرقاني.

مظهر علي فقير الله کي ڳولهڻ لاءِ هن ڪافي ۾ هن طرح عربيءَ جا الفاظ شاعري ۾ پويا آهن.

ٿلهه: الله کي الله ٿي ڳولهه، الله ريءَ الله جي،

الله نه لڀنديئي، ڪل فنافي الله.

مصرع 1: انا لله وانا اليه راجعون

قل من عليه فنا فاني ڪير بقا باالله،

2: خلق ال آدم عليٰ صورت، صورت قل هو الله

الانسان سري وانا سره، قرب ڪلام الله

3: مظهر العجائب مهديٰ مولا معنيٰ ساڻ ملاءِ،

انا احمد بلا ميمي، راز رسول الله

سخاوت فقير جي نشاني آهي. هن درويش پنهنجي زمين وڪڻي ۽ هڪ خيرات ڪئي هئي. هي درويش ڪشف جي علمن جو پڻ ڄاڻو هو. حال، مستقبل، ماضي جي رازن، رموزن جو ڪيس ڇڱي ريت پتو هو. پيڻ واري ٻار لاءِ ڏيءِ پٽ ٻڌائڻ، ويني ويني ڪا ٻاهر جي ڳالهه ڪرڻ.

هڪ دفعي حمل فقير لاڪو پاٽي جي واري تان پنهنجي پاءُ ڏاتر ڏنہ لاکي کي ڪوڏر هڻي قتل ڪري وڌو. حمل کي پوليس پڪڙي وئي. سندن مائٽن وڃي مظهر فقير جا پير پڪڙيا پاڻ انهن کي چيائين ته ڏيگڙو پٽ جو لاهيو صبح اچي ويندو. ٿيو به ائين همراهه صبح جو اچي حاضر ٿيو.

هي درويش مرڻ جيئڻ جي خبر پڻ ڏيندو. پنهنجي پٽن لاءِ چيائين هڪ ننڍي لاءِ هليو ويندو ٻيو جي سالڪ ٿيو ته مونکان وڌي ويندو ورنہ يگانو هوندو ۽ ٿيو به ائين جو ته فقير جي ٻولي الله جي ٻولي جو سندس ٻيو خادم حسين يگانو هو.

مظهر علي فقير جن جي بقا جي پيالي پيئڻ کانپوءِ سندس مرشد مهدي مولا جن پراڻي اسڪول جي پرسان يعني مقام وٽ ٽي چار فوٽ ٿلهو هوندو هو اتي 17 جمادي الاول تي ٻه تاريخون ميڙو مچائيندا هئا. هن وقت فقير سمر علي جهانيہ. مظهر علي فقير جو ميلو مچائيندا اچن ٿا. وڏڙن جي چوڻ مطابق مظهر علي جي عمر 63 سال ٿي 1952 واري دور کانپوءِ فقير جي جهان ڏي ويل ٿي ڏيکار جي جو هڪ شعر ۾ اهو سال ملي ٿو.

مصرع: تيرهن سن سنبت ۾، ٿي پڳداري پڌري،
ٻيهر ٻاونجاهين مظهر چوي حاصل ٿيو.

ائين ٿو ڀائنجي تہ مظهر علي جي عمر اٽڪل 63 سال جي لڳ ڀڳ هوندي. فقير مظهر علي کي ٻہ پٽ ٿيا. جن مان هڪڙو ننڍو ئي هو جو هڪ وڻ تان ڪري پيو ۽ وفات ڪري ويو. باقي ٻيو خادم علي وڏو ٿيو مگر يگانو هو. انهن پٽن لاءِ پاڻ اڳواٽ ٻڌايو هئائون تہ هڪ ننڍي لاءِ بقا جو پيالو پيئندو باقي ٻيو وڏو ٿيندو، اهو جيڪڏهن سالڪ ٿيو تہ اسان کان ٻہ چڙهي ويندو پر هي سالڪ نہ ٿيو تہ يگانو هوندو ۽ فقيرن جو اهي چيل ڳالهيون ٻہ ائين ئي نڪتيون ۽ يگانو رهيو.
خادم علي فقير کي هڪ نياڻي آهي. انهن مان ٽي پٽ دين علي، ضمير حيسن "پتاشو" ۽ ٽيون پياس علي ٿيو. جيئن تہ متي فقير پاڪ جي پنجن ٽولن جو ذڪر ٿيل آهي، مظهر علي فقيرٽئين ٽول ۾ بقا جي جهان ويل ڏيکارجي ٿو .

جن وڃايو وجود، سي فاني ٿيا في الله ۾.
نہ تن قيام، نہ قعود ۾، نہ ڪوڪن سجود،
جيلان ٿيا نابود، تيلان ڳڏيا بود ۾.

علي حسن ملاح
(حيدرآباد)

ٿلهہ: جڳ جڳ جيئي جهانيہ، جو نعرو آ.
هند سنڌ ڇا، جهان سارو جهانيہ جو آ.

(1) جهانيہ جي صدقي ٿيندي، شفاعت سڀ جي،
جا رضا جهانيہ جي، سائي آ رب جي،
هي حد لاحد کان اڳي، سندن نہ ڪنارو آ.

(2) جلال الدين جهانيہ کان، ٿي جهانيہ جي شروعات آ.
مٺي محمد پاڪ، جهانيہ، سڏيو منجهہ ملاقات،
اڄ ساري دنيا لاءِ، جهانيہ ٿيو سهارو آ.

(3) سنڌ ۾ مٺي مهدي پاڪ، فيض عام ڪيو،
اڙين اٻوجهن لاءِ پڻ، پيش جنگي جام ڪيو.
مسڪين ماروئڙن جو، ٿيو ياڳ پلارو آ.

(4) مهدي پاڪ جو سر ساڳيو سنڌ ۾ آ سمر،
چڻ عشق وارن لاءِ ايريو آهي ڪو قمر،
علي حسن هي سر الاهي،انساني صورت جو اشارو آ.

فقير پاڪ مهدي مولا جن جي سچي هٿ هينيان مظهر علي فقير لاڪو بيٺل آهي.

# فقير
# معراج
# علي رضا
# جهانيان جا
# فـــرزنـــد

(1) سيد مخدوم هادي بخش
جهانيه

(2) فقير سمر علي مخدوم
جهانيه

(3) مخدوم مهتاب علي
جهانيه



(4) مخدوم بادشاھ علي
جهانيه

(5) مخدوم منور علي
جهانيه

(6) مخدوم وزير علي
جهانيه

مخدوم ڊاڪٽر عاشق علي جهانيه
فرزند مخدوم هادي بخش جهانيه

CMYK 44



فقير شير علي مخدوم جهان

# مرڪزي عهديدار

سرپرست اعليٰ
مخدوم مقصود علي جهانيه

[illegible]
فقير مخدوم [illegible] علي جهانيه

[illegible]

خزانچي
واحب علي مرڪند

جوائنٽ سيڪريٽري
مهندار علي ملاح

چيئرمين
استاد خادم عباسي

[illegible]

وائيس چيئرمين
مخدوم حق علي جهانيه

پريس سيڪريٽري
نياز علي راڄپر

قانوني صلاحڪار
شفيع محمد ٻانگو

[illegible]



هادي مهدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جا تيار ڪرايل ڪتاب.
(1) مهدي ٿيو مهندار (2) سيئي پڳيون سين حدون .